Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني
پاڪ
ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 اربع 15 جنوري 2025 ع بمطابق 14 رجب المرجب 1446ھ قيمت 20 رپيا شمارو: 062

ميرپورخاص ۾ سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سنڌو ندي مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف جاڳرتا بيداري ريلي ڪڍي وئي

سنڌو تي ڪئنال قبول ناهن، ڏاڍ خلاف لاهور ۽ اسلام آباد جو رخ ڪنداسين: قادر مگسي

پنجاب ۽ وفاق 6 ڪروڙ سنڌ واسين جي واحد جيئاپي جي وسيلي جو رُخ پنهنجي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ موڙڻ گهرن ٿا

منصوبي جي پيپلز پارٽي پاران زباني مذمت ٻٽو معيار آهي، 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ جلسي بعد لاهور ۽ اسلام آباد ۾ ميدان سجائيبو: ريلي کي خطاب

ميرپورخاص:(رپورٽ: گل محمد سولنگي) سنڌو درياءَ مان نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف ايس ٽي پي پاران بيداري ريلي، ڊاڪٽر قادر مگسي چيو آهي ته سنڌ جي 6 ڪروڙ ماڻهن جي جيئاپي جو واحد وسيلو سنڌو آهي، حڪمران ان جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

عزت، آجپو، خوشحالي
جيئي ڊاڪٽر قادر مگسي
سنڌ اسان جي ماءُ سنڌو ۽ اسان جو ساهه
سنڌو درياءَ تي ڪئنال نامنظور
14
ڊاڪٽر قادر مگسي
سنڌ ترقي پسند پارٽي ضلع ميرپورخاص

ميرپورخاص: قادر مگسي ڪئنال بابت نڪتل جاڳرتا بيداري ريلي کي خطاب ڪري رهيو آهي

عالمي منڊي ۾ تيل مهانگو، پاڪستان ۾ به اگهه چڙهڻ جا امڪان

پيٽرول جي قيمت ۾ في لٽر 3 رپيا 53 پئسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل ۾ 3 رپيا 66 پئسا واڌ جي تجويز

گاسليٽ جي اگهه ۾ 4 رپيا 98 پئسا ۽ لائيٽ ڊيزل جي قيمت 6 رپيا 20 پئسا واڌ ٿي سگهي

اسلام آباد(م د) عالمي مارڪيٽ ۾ قيمتن ۾ واڌ سبب/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

موٽروي منصوبن ۾ نظرانداز ڪرڻ تي سنڌ جا تحفظات، وڏي وزير وزيراعظم کي خط لکي ڇڏيو

نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي 105 منصوبن مان سنڌ جي لاءِ صرف 6 منصوبا ۽ پنجاب لاءِ 33 منصوبا رکيا آهن: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه

وفاقي حڪومت نيشنل هاءِ وي جو 38 سيڪڙو بجيٽ پنجاب تي خرچ ڪندو، ڪي پي ڪي لاءِ 17 سيڪڙو ۽ بلوچستان جي لاءِ 23 سيڪڙو فنڊز رکيا ويا آهن

نيشنل هاءِ وي هلندڙ سال 708 ارب روپين جا منصوبا پنجاب جي لاءِ تجويز ڪيا ۽ 62 ارب بجيٽ ۾ مقرر ڪيا ويا

سنڌ جي لاءِ نيشنل هاءِ وي 78 ارب روپين جا منصوبا تجويز ڪيا پر صرف 7 ارب روپيه رکيا ويا آهن، موٽروي ايم ڇهه جي لاءِ بنا دير جي بجيٽ رکي وڃي ڪم شروع ڪيو وڃي: وڏو وزير

ڪراچي: (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه احتجاجن طور تي وفاقي حڪومت کي خط لکي ڇڏيو آهي. وڏي وزير مراد علي شاهه چيو ته ڪراچي، حيدرآباد، سکر، موٽروي منصوبي تي سنڌ ۽ وفاق ۾ تڪرار آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

HANDS
TRAFFIC POLICE
Road Safety

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ليڊي ٽريفڪ اهلڪار کي ايوارڊ ڏئي رهيو آهي

ٽريفڪ قانونن بابت آگاهي لاءِ ميڊيا ڪردار ادا ڪري: شرجيل ميمڻ

حادثن جي سبب انسان پنهنجي جان گنوائي ويٺا آهن، ڪجهه معذوري جو شڪار ٿين ٿا

اسان جي ترجيح اها هجڻ گهرجي ته ڪنهن طرح انسان ذات جي خدمت ڪئي وڃي

ٽريفڪ قائدن تي عمل ٿئي ته قيمتي انساني جانيون ضايع نه ٿين: روڊ سيفٽي تقريب کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته بطور قوم اسان جون ترجيحات بدلجي رهيون آهن، حادثن جي سبب انسان پنهنجي جان گنوائي ويٺا آهن، ڪجهه معذوري جو شڪار ٿين ٿا، اسان جي ترجيح/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

توانائي شعبي ۾ عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون: وزيراعظم

يورپ لاءِ پي آءِ اي جي بحالي وڏي ڪاميابي آهي اميد ته لنڊن به اڏامون وينديون

ملڪ جي دفاع لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون تعريف جوڳيون آهن: شهباز شريف

ڪرم ۾ حالتون بهتري طرف وڃي رهيون آهن، بينڪرز کي به ڪيرايو پيو وڃي: اجلاس کي خطاب

اسلام آباد: (م د) وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي ته توانائي جي شعبي ۾ عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون. وزيراعظم شهباز شريف ڪابينه اجلاس کان پوءِ ڳالهيون ڪندي چيو ته اسلام آباد ۾ عورتن جي تعليم /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

اسلام آباد: وزيراعظم جي صدارت ۾ توانائي بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

وڏي وزير جي پرسنل سيڪريٽري جو والد لاڏاڻو ڪري ويو، مراد علي شاهه پاران ڏک جو اظهار

سيوهڻ (ن پاڪ) سنڌ جي وڏي وزير جي پرسنل سيڪريٽري محمد سليم باجاري جو والد اڳوڻي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه جو ويجهو ساٿي محمد حسن باجاري ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو/ڏسو صفحو 3 بقايا 16

معاشي استحڪام لاءِ چيني سرمائيڪاري اهم آهي: ناڻي وارو وزير

پاڪستان ۾ چيني ڪمپنين جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي ۾ اضافو ڪبو

چين پاڪستان جو پروسي وارو پارٽنر ملڪ آهي: چيني ميڊيا کي انٽرويو

اسلام آباد: (م د) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان جي معاشي استحڪام جي لاءِ چين جي سرمائيڪاري تمام گهڻي اهم /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

ڪراچي عدالت عزير بلوچ کي ٽن ڄڻن جي قتل ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو

عدالت عزير کي 2009 ع ۾ پوليس اهلڪار سميت ٽن ڄڻن جي قتل مان آجو ڪيو

عزير بلوچ هينئر تائين ٻن درجن کان وڌيڪ ڪيسن ۾ ثبوت نه هئڻ جي بنياد بري ٿي چڪو

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) ڪراچي جي مقامي بلوچ کي/ڏسو صفحو 3 بقايا 27

پراڻي سکر واري علائقي ۾ پاٽي ڪوٽ خلاف عدالت ۾ درخواست داخل

ڊي سي سکر، اي سي، ميونسپل ڪمشنر ۽ ٻين کي نوٽيس

سماجي ڪارڪن محمد نعيم سومري وڪيل معرفت درخواست ڏني

سکر (بيورو رپورٽ) گذريل هڪ سال کان محلا ڪڙي /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

سڀ غلطيون ڪيون ٿا پر انهن کي قبولڻ ۽ سبق نه سکڻ اُن کان به وڏي غلطي آهي: آرمي چيف

خدا نه ڪري رياست ناهي ته ڪجهه به ناهي، سڀني کي بنا ڪنهن فرق ۽ تعصب جي دهشتگردي خلاف گڏجڻو پوندو

اسان سڀ غلطيون ڪندا آهيون، پر انهن کي قبول ڪرڻ ۽ سبق نه سکڻ اُن کان به وڏي غلطي آهي: عاصم منير

خيبرپختونخوا ۾ ڪو وڏو آپريشن ناهي ٿي رهيو، نيشنل ايڪشن پلان تي ڪم ڪرڻو پوندو: پشاور ۾ ڳالهيون

پشاور(م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته افغانستان اسان جو برادر پاڙيسري اسلامي ملڪ آهي، افغانستان سان رڳو فتنه الخوارج جي افغانستان ۾ موجودگي ۽ سرحد پار کان پاڪستان ۾ دهشتگردي پکيڙڻ تي اختلاف آهي. /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

9 مئي تي ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ ماڻهن جو وڃڻ سيڪيورٽي ناڪامي آهي: سپريم ڪورٽ

جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 7 رڪني آئيني بينچ ٻڌڻي ڪئي: حڪومتي وڪيل خواجه حارث پيش ٿيو

ڇا 9 مئي جي واقعن ۾ ڪنهن فوجي آفيسر جي ملوث هجڻ تي ٽرائل ٿيو؟ جسٽس امين الدين خان؛ اختلاف ڌار ڳالهه آهي، ملٽري ٽرائل جي معاملي کي وڌايو پيو وڃي: خواجه حارث

جيڪڏهن سويلين مالي فائدي لاءِ چوري ڪري ٿو، حالانڪه انهي جو مقصد آرمي کي غير مسلح ڪرڻ نه هو انهي جو ڪيس ڪٿي هلندو؟ جسٽس مسرت هلالي

اسلام آباد: (م د) سپريم ڪورٽ ۾ فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ٽرائل جي فيصلي خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي دوران جسٽس حسن اظهر رضوي ريمارڪس ڏنا آهن ته 9 مئي تي ماڻهن جو ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

بشريٰ بي بي جي ستن ڪيسن ۾ ضمانت منظور، فائيل تيار نه ڪرڻ تي جج پاران ڪاوڙ جو اظهار

عدالت بشريٰ بي بي ڊي چوڪ جي احتجاج جي 13 ڪيسن ۾ ضمانت لاءِ درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي

فائلون تيار ڪري ايندا ڪيو، منهنجي سامهون اچي سڀ ڪجهه ياد اچي ويندو آهي: جج جا رمارڪس

عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي پوليس کي رڪارڊ سميت پيش ٿيڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي

اسلام آباد: (م د) دهشتگردي جي انت واري عدالت ڊي چوڪ احتجاج جي 13 ڪيسز ۾ بشريٰ بي بي جون ضمانتون منظور ڪري ورتيون. اسلام آباد جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ سهولتڪاري زرداري ڪئي، سزا عمران کي ڏني پئي وڃي: عليمه خان

جيڪڏهن عمران خان سهولتڪاري ڪئي آهي ته ان تي نواز شريف کي به جواب ڏيڻو پوندو

باني چاهي ٿو ته سزا ٻڌائي وڃي ان ڪانپوءِ اسان ان کي هاءِ ڪورٽ ۾ کڻي وينداسين

جن تي ڪيس ٿيڻ گهرجن اُهو عمران خان ناهي ٻيا ماڻهو آهن: اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهيون

راولپنڊي (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان چيو آهي ته 190 ملين پائونڊ ڪيس ۾ سهولتڪاري آصف زرداري ڪئي آهي پر سزا عمران خان کي ڏني پئي وڃي، جيڪڏهن عمران خان سهولتڪاري ڪئي آهي ته ان تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 34

نيوسعيد آباد لڳ موٽرسائيڪل سوارن پيرسن کي گولين جو کاڄ بڻائي ڇڏيو

ڳوٺ عبدالواحد ٻرڙا ۾ اڻڄاتل موٽرسائيڪل سوارن 60 ورهين جي حسين بخش تي فائرنگ ڪري ڏني

گولين لڳڻ سبب پيرسن ٿڏي تي مارجي ويو، مڙهه ڪارروائي لاءِ تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڀاءُ کي بلوچستان جي رند برادريءَ جي ماڻهن ڪارنهن جي ڪوڙي الزام ۾ قتل ڪيو آهي: نبي بخش رند

نيوسعيدآباد) محبوب علي ڪاڪا (نيوسعيدآباد ويجهو پوڙهيت نامعلوم موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻند هٿان گولين هڻي قتل. لاش/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

نيوسعيد آباد: موٽرسائيڪل سوارن هٿان مارجي ويل پيرسن جو مڙهه پيل آهي

حيدرآباد جي چئني تعلقن ۾ مولاءِ ڪائنا جي ولادت جا جشن

ٽنڊو ولي محمد مان چادر مبارڪ وارو قديمي جلوس پڻ نماز ظهر کان پوءِ برآمد ٿيو

اڪثر علائقن ۽ سمورين امام بارگاهن تي شاندار ۽ خوبصورت چراغان پڻ ڪيو ويو

حيدرآباد (بيورو) شير خدا، فاتح خيبر و خندق، امام المتقين حضرت علي ابن ابي طالب ع جي خانه ڪعبه ۾ ولادتِ باسعادت جي مناسبت سان /ڏسو صفحو 3 بقايا 18

جاتي تعلقي ۾ سماجي برائين جي آزار خلاف ايس ٽي پي جي سڏ تي ڌرڻو

ضلعي اڳواڻن ڪامريڊ اشرف ٿهيم جي اڳواڻي ۾ مگير پين چوڪ تي احتجاج ڪيو

جاتي تعلقي سميت شهر منشيات جو گڙهه بڻجي ويو آهي، نوجوان نسل تباهه ٿي پيو: اڳواڻ

پوليس جي سرپرستي ۾ سڀ ڪجهه ٿي پيو، ايس ايس پي سجاول فورن نوٽيس وٺي: مطالبو

جاتي(اشرف ملاح) جاتي تعلقي ۾ هلندڙ منشيات ۽ سماجي برائين جي خلاف سنڌ ترقي /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

سنڌ حڪومت جي ترجمان جي صدارت هيٺ ڊي سي شهيد بينظيرآباد آفيس ۾ ترقياتي منصوبن بابت اجلاس ٿيو

ضلعي انتظاميه ۽ اسٽيڪ هولڊر شهيد بينظير آباد لاءِ جامع پلان تيار ڪن: ارسلان اسلام شيخ

پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ تحت ضلعي جي 60 پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي لسٽ ۾ شامل ڪئي وڃي

واٽر سپلائي جي خراب لائينن کي تبديل ڪرڻ ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ورلڊ بئنڪ جي گائيڊ لائين تحت پلان جوڙيو ويو آهي: ڊي سي

نوابشاه (ڊ ر) ترجمان سنڌ حڪومت ۽ مئير سڪر ارسلان اسلام شيخ جي صدارت هيٺ ضلع شهيد /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

نواب شاهه: سنڌ حڪومت جي ترجمان ارسلان اسلام شيخ جي صدارت ۾ ترقياتي منصوبن بابت اجلاس ٿي رهيو آهي

دادو ۾ نينگري جي مبينا زبردستي شادي ڪرائڻ جو انڪشاف، ڪيس داخل

اڪبر مغل واري ڌر رشتو نه ڏيڻ تان ڀيڻ عاطفه کي اغوا ڪري وئي آهي: ڀاءُ

ڀيڻ جي عمر 14 سال آهي، فورن نوٽيس وٺي ايڪشن ڪنيو وڃي: الهڏنو سولنگي

دادو(ڊ ر) دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد غريب آباد /ڏسو صفحو 3 بقايا 25

گهوٽڪي ۾ ريل گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت

پٽڙي پار ڪرڻ دوران ريل نوجوان کي ٽڪر هنيو، ٿڏي تي دم ڏنائين

مڙهه سول اسپتال منتقل ڪيو ويو، سڃاڻپ ضمير احمد ميمڻ طور ٿي

گهوٽڪي(رپورٽ حاجي محمد مهر) گهوٽڪي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

قاضي احمد ۾ آمد مولا ڪائنات تي ريلي، گلن جي ورکا

ريلي جي اڳواڻي زوار فيروز علي انڙ ۽ مولانا حسين ساجد ڪئي

ريلي نواب ولي محمد، دولتپور، هبيري کان قاضي احمد پهتي

قاضي احمد (غلام حسين راهو) جيئن ته هر سال وانگر/ڏسو صفحو 3 بقايا 23

جيئي سنڌ
منشيات کان انڪار زندگي سان پيار
احتجاج
جيئي سنڌي پورهيت عوام
احتجاج

جاتي: ايس ٽي پي پاران سماجي برائين جي آزار خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

اين ايڇ اي جي ٽيم پاران ٺٽو-ڪينجهر روڊ جي تعمير جو جائزو، سيمپل ورتا

روڊ جو ڪم صحيح نه پيو ٿئي، حادثا معمول آهن: ايم اين اي اياز علي شاهه

ڳاڙهو کان ڪيٽي بندر روڊ جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي: اين ايڇ اي عملدار

ٺٽو(رمضان ميمڻ) ايم اين اي ميمبر اسٽينڊنگ /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

قائد آباد ۾ ستين ڪلاس جي شاگرد پاران واش روم ۾ مبينا خودڪشي

پٽ صفيان اسڪول مان واپس اچي واشروم ويو، دير ڪرڻ تي آواز ڏنو: والد

ملير(ڊ ر) شاهه لطيف ٿاڻي جي حد قائدآباد السيد سينٽر ۾ ستين ڪلاس جي شاگرد 12 ورهين جي صُفيان پٽ احمد بادشاهه مبينا طور تي/ڏسو صفحو 3 بقايا 21

مولا علي جو جشن ولادت، پٽ شاهه کان سيوهڻ تائين ريلي، مزار تي ڪيڪ ڪاٽيو ويو

13 رجب حوالي سان پير آف پٽ شاهه سيد اديب الحسن شاهه لطيفي جي اڳواڻي ۾ شاندار ريلي نڪتي

ريلي ۾ قصيدا خوانن پاران امير ڪائنات حضرت علي عليه السلام جي شان ۾ قصيده به پيش ڪيا ويا

پير آف پٽ شاهه اديب الحسن شاهه لطيفي پاران جشن جي سلسلي ۾ لنگر نياز جو به اهتمام ڪيو ويو

پٽ شاهه(ن پاڪ) جشن ولادت حضرت علي عليه السلام جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

پٽ شاهه: پير آف پٽ شاهه اديب الحسن شاهه لطيفي حضرت علي جي جشن ولادت جو ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

نيوسعيدآباد ٿاڻي جو ايس ايڇ او بدلي، چارج ايڊيشنل ايس ايڇ او حوالي

نيوسعيدآباد (ن پاڪ) ايس ايس پي مٽياري فيصل بشير/ڏسو صفحو 3 بقايا 36

شهدادپور پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي، ڊرائيور زخمي، نازڪ حالت ۾ حيدرآباد منتقل

شهدادپور(رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ويجهو پرهون /ڏسو صفحو 3 بقايا 37

سنڌ حڪومت جو ٽرجيب ريلي ۽ سنڌو درياءَ ڄامشورو تي رانديون منعقد ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي ۾ به ٽن ڏينهن واري سنڌ اسپيشل گيمز 2025 جي شروعات ڪئي وئي آهي: صوبائي وزير

سالياني ڪئلينڊر ۾ هميشه لاءِ هاڻي سنڌ اسپيشل گيمز ۾ رکنداسين، اسپيشل رانڌين جو دائرو سنڌ جي سڀني ڊويزنن تائين وڌايو ويندو

سنڌ جي نوجوانن کي رانڌين ۾ موقعا ڏينداسين ته جيئن سنڌ جا نوجوان پنهنجي صوبي جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪن: تقريب کي خطاب

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي رانڌين واري وزير سردار محمد بخش مهر چيو آهي ته سنڌ حڪومت سنڌ اسپيشل گيمز کان بعد ٽر جيب ريلي، ٽراسپورٽس فيسٽيول ۽ سنڌو درياءَ تي رانڌين منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. رانڌين /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

NY
SINDH
SINDH

ڪراچي: رانڌين وارو وزير محمد بخش مهر سنڌ گيمز جو افتتاح ڪندي

نوشهره ۾ بئنڪ مان ڪروڙن جي ڦر، ڌوهاري ڪئمرا رڪارڊنگ به کڻي ويا

ڌوهارين ٺاروجهه ۾ بئنڪ مان هڪ ڪروڙ 77 لک کان مٿي رقم ۽ 7 ڪلو کان وڌيڪ سون کڻي ويا

واردات بعد هٿيارٻند ڄڻن ڪئميرائون ۽ رڪارڊ به پاڻ سان گڏ کڻي ويا

پوليس ڦر جو ڪيس بينڪ مئنيجر جي مدعيت ۾ داخل ڪري ورتو

نوشهره: (م د) نوشهره جي بينڪ ۾ ڦرجي واردات ٿي آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

نصير آباد ۾ مولا علي عليه السلام جي جشن ولادت حوالي سان ريلي

مرڪزي امام بارگاهه پير صفر شاهه بخاري کان ريلي نڪتي، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

اسان سڀني کي مولا ڪائنات جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي ضرورت آهي: اڳواڻن جو خطاب

نصيرآباد (رپورٽ آعظم ٽگڙ) 13 رجب المرجب آمد /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

پاڪ
ABC
روزاني پاڪ اخبار ڪراچيءَ
جي طرفان ساليانِي
محيتا ايوارڊ تقريب
جي پر مسرت موقعي تي سنڌي ٻولي جي بهترين شاعر
سرتاج جاگيراڻي سان رهاڻ
۽ محفل موسيقي جنهن ۾ مشهور فنڪاره خيرپور جي راڻي
صنم سنڌو پنهنجي فن جو مظاهرو ڪندي
صدارت: ايڊيٽر غلام نبي چانڊيو، ايگزيڪٽو ايڊيٽر عبدالخالق زدران ۽ نيوز ايڊيٽر ڪبير خانزاده، مهمان خاص پروفيسر مختيار علي سمون ۽ اخلاق انصاري
تاريخ 19 جنوري
هنڌ شاهنواز ڀٽو لائبريري
ٽائيم 12:00 بجه منجهند
آرگنائيزر: رابيل خان جاگيراڻي بيوروچيف روزاني پاڪ لاڙڪاڻو
رابطي لاءِ نمبر 03443889341
تعاون: شاعر حاجي انب خان بوزدار ۽ مسافر ضمير جاگيراڻي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي_فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:35655874_021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

اربع 15 جنوري 2025ع بمطابق 14 رجب المرجب 1446هه

EDITORIAL

سيڪيورٽي خدشن جو اظهار........

سپريم ڪورٽ ۾ فوجي عدالتن ۾ سويلينز جي ٽرائل جي فيصلي خلاف انٽرا ڪورٽ اپيل تي ٻڌڻي دوران جسٽس حسن اظهر رضوي ريمارڪس ڏنا آهن ته 9 مئي تي ماڻهن جو ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ وڃڻ سيڪيورٽي ناڪامي آهي، ڇا 9 مئي جي واقعن ۾ ڪنهن فوجي آفيسر جي ملوث هجڻ تي ٽرائل ٿيو؟ جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 7 رڪني آئيني بينچ ٻڌڻي ڪئي. دفاع واري وزارت جي وڪيل خواجه حارث گذريل ڪيترن ڏينهن کان جاري پنهنجا دليل شروع ڪري ڇڏيا ۽ موقف ڏنو ته ايف بي علي ڪيس ۾ جن ماڻهن تي ڪيس هلايو ويو اهو رٽائرڊ هو. جسٽس مسرت هلالي ريمارڪس ڏنا ته ڪنٽونمينٽ ۾ جڪڏهن سپاهي جو سويلين سان اختلاف ٿي وڃي ته ڪيس ڪيڏانهن ويندو. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته اختلاف ڌار ڳالهه آهي. ملٽري ٽرائل جي معاملي کي وڌايو پيو وڃي. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته امن واري دور ۾ به ملٽري معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ تي سويلين جو ٽرائل ملٽري ڪورٽس ۾ ٿي هلندو. جسٽس حسن اظهر رضوي چيو آخر ماسٽر مائنڊ به هوندو سازش ڪنهن ڪئي. دفاع واري وزارت جي وڪيل خواجه حارث چيو ته سازش ڪندڙ يا ماسٽر مائنڊ جو ٽرائل به ملٽري ڪورٽ ۾ ٿي ٿيندو سويلين جو ٽرائل اوچتو نه ٿي رهيو آهي. 1967 ع کان قانون موجود آهي. جسٽس حسن اظهر رضوي سوال اٿاريو ته خواجه صاحب اوهان دفاع واري وزارت جا وڪيل آهيو. هڪ اهم سوال جو جواب ڏيو ڇا 9 مئي جي واقعن ۾ ڪنهن فوجي آفيسر جي ملوث هجڻ تي ٽرائل ٿيو؟ 9 مئي تي ماڻهو ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ پهچي ويا؟ ماڻهن جو ڪور ڪمانڊر هائوس جي اندر وڃڻ سيڪيورٽي معاملو ته آهي. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته مظاهرين تي الزام ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ جو آهي، 9 مئي جي واقعي ۾ ڪنهن فوجي آفيسر کي چارج نه ڪيو ويو. جسٽس حسن اظهر رضوي چيو ته 9 مئي تي جڏهن ملٽري تنصيبات کي نقصان پهچايو ويو ڇا ڪا مزاحمت ڪئي وئي، ضروري ناهي ته گولي هلائي وڃي. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته جاني نقصان نه ٿئي انهي لاءِ مڪمل صبر جو مظاهرو ڪيو ويو. جسٽس جمال خان مندوخيل سوال اٿاريو ته جيڪڏهن ڪنهن فوجي کان انهي جي رائفل چوري ڪئي وڃي ته ڪيس ڪٿي هلندو؟ دفاع واري وزارت جي وڪيل جواب ڏنو ته رائفل فوجي جو جنگي هٿيار هوندو آهي. جسٽس مسرت هلالي پڇائو ڪيو ته جيڪڏهن سويلين مالي فائدي لاءِ چوري ڪري ٿو حالانڪ انهي جو مقصد آرمي کي غير مسلح ڪرڻ نه هو انهي جو ڪيس ڪٿي هلندو. دفاع واري وزارت جي وڪيل جواب ڏنو ته حالتن ۽ واقعن کي ڏٺو ويندو. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته کهڙو ڏوهه ملٽري ڪورٽ جي دائري ۾ ايندو انهي جو آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ذڪر موجود آهي. جسٽس مسرت هلالي ريمارڪس ڏنا ته 9 مئي ۽ 10 مئي جي واقعن ۾ اهڙا احتجاجي مظاهرين به هئا جن کي خبر ئي نه هئي ته ڇا ٿي رهيو آهي. دفاع واري وزارت جي وڪيل موقف ڏنو ته جن کي خبر ئي نه هئي انهن جو ته ملٽري ڪورٽس ۾ ٽرائل ئي نه ٿيو. انهي سان گڏ ئي عدالت سڳوري ملٽري ڪورس ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي. هوڏانهن دهشتگردي جي انت واري عدالت ڊي چوڪ احتجاج جي 13 ڪيسز ۾ بشريٰ بي بي جون ضمانتون منظور ڪري ورتيون. اسلام آباد جي دهشتگردي جي انت واري عدالت ۾ عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي جي ڊي چوڪ احتجاج جي 13 ڪيسز ۾ عبوري ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران بشريٰ بي بي ۽ سندس وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران فائلون تيار ڪري نه اچڻ تي جج درخواست جي وڪيل تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو جج ريمارڪس ڏنا ته اوهان فائلون تيار ڪري ايندا ڪريو منهنجي عدالت ۾ اچي فائلون سڌيون ڪري رهيا آهيو. انهي موقعي تي وڪيلن طرفان بشريٰ بي بي جي سادن ڪاغذن تي صحيح ۽ آڱوٺي جو نشان لڳرائڻ تي جج طرفان پيهر ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ويو ته هرجڳهه چون ٿا وي آءِ پي پروٽوڪول ملي، ائين نٿو ٿي سگهي، مون اوهان کي انتظار ناهي ڪرايو مان ته فيصلو لکرائي رهيو هئس اهو ڇڏي اوهان جي ضمانتن تي ٻڌڻي ڪري رهيو آهيان، جڏهن عدالتي حڪم نامو نه ڪرندو ته انهي تي جوابدار عورت جي صحيح ۽ آڱوٺي جو نشان لڳندو. عدالت وڪيل ڊاڪٽر قدير خواجه جي ڳالهائڻ تي به ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته يقين ڪرڻ سکو، عدالت تي يقين ڪندا ڪريو اوهان يقين ڪندو ته ماڻهو به اوهان تي يقين ڪندا. عدالت کي ٻڌايو ويو ته بشريٰ بي بي جي خلاف ڊي چوڪ احتجاج تي اسلام آباد جي مختلف ٿاڻن ۾ 13 ڪيسز داخل ٿيل آهن. سيڪريٽريٽ ٿاڻي ۾ 3، مارگلا ٿاڻي ۾ 2 ۽ ڪراچي ٿاڻي ۾ 2 ڪيس داخل ٿيل آهن. انهي کان علاوه بشريٰ بي بي جي خلاف رمنا ٿاڻي ۾ 2، ترنول ٿاڻي، ڪوهسار، آبپاره ۽ کهنه ۾ هڪ هڪ ڪيس داخل ٿيل آهي. جنهن کان پوءِ عدالت 5_5 هزار روپين جي مچلڪن عيوض بشريٰ بي بي جي 7 فيبروري تائين عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي

حڪومت ۽ پي ٽي آءِ ڪميٽيون ڪهڙا نتيجا ڏينديون؟

اعجاز ممنائي

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي ڳالهين واري ڪميٽين جو اجلاس طلب ڪري ورتو آهي. اسپيڪر هائوس پاران جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب، حڪومت ۽ پي ٽي آءِ جي مذاڪراتي ڪميٽين جو اجلاس سڀاڻي اربع ڏينهن، منجهند جو هڪ وڳي پارليامينٽ ۾ ٿيندو. پي ٽي آءِ هن اجلاس ۾ لکت ۾ پنهنجا مطالبا حڪومتي نمائندن آڏو پيش ڪندي. اجلاس پارليامينٽ هائوس جي ڪميٽي روم ان ڪيمرا ٿيندو. ياد رهي ته مذاڪراتي ڪميٽين وچ ۾ ڳالهين جا ٻه رائونڊ پهرئين ٿي چڪا آهن. هن اجلاس کان اڳ عمران خان سان پي ٽي آءِ جي مذاڪراتي ڪميٽي جي ملاقات پڻ ٿي چڪي آهي جنهن ۾ ڪيترائي اهم فيصلا پڻ ڪيا ويا آهن. پوئين اجلاس ۾ پي ٽي آءِ جي مذاڪراتي ڪميٽي جي ميمبرن موقف اختيار ڪيو ته لکت ۾ مطالبا پيش ڪرڻ لاءِ عمران خان کان رهنمائي ۽ منظوري وٺڻ بيحد ضروري آهي. ايستائين ته پي ٽي آءِ جو موقف درست آهي پر پي ٽي آءِ پاران ٿيل پوئين ٻنهي مذاڪراتي ڪميٽين جي اجلاسن ۾ زباني مطالبا ته پيش ڪيا ويا آهن. جن جي پي ٽي آءِ اڳواڻ تصديق پڻ ڪئي آهي پر اهي مطالبا لکت ۾ ڏيڻ کان پي ٽي آءِ لنوائي رهي هئي. حقيقت ۾ حڪومت ڳالهين کي اينگهائي وقت پاس ڪرڻ جي چڪر ۾ آهي جيڪڏهن پي ٽي آءِ جا مطالبا جائز آهن ته پوءِ زباني يا لکت ۾ کهڙو فرق آهي؟ ڇا زباني پيش ڪيل مطالبا عمران خان جي منظوريءَ کانسواءِ پيش ڪيا ويا آهن يا ڪميٽيءَ تي شڪ آهي ته اهي پي ٽي آءِ کي ڪنهن ٻئي طرف وٺي وڃڻ چاهن ٿا ڇو ته حڪومتي ڌر جا ڪجهه وزير چون ٿا ته ڪميٽي عمران خان کي بچائڻ بجاءِ مارڻ چاهي ٿي، حڪومت جي ان بيان پنيان ڪيترائي سوال اڀرن ٿا اگر اهي مطالبا عمران خان جي منظوريءَ سان پيش ڪيا ويا آهن ته انهن کي لکت ۾ ڏيڻ سان عمران خان جي ڪهڙي منظوريءَ جي ضرورت پئجي رهي آهي، ان مامري مان ظاهر ٿي رهيو آهي ته پي ٽي آءِ هڪ حڪمت عملي تحت شايد ائين ڪري رهي آهي بهرحال پي ٽي آءِ جي مذاڪراتي ڪميٽي عمران خان سان آزاد ماحول ۾ ملاقات ڪري نئين حڪمت عملي جوڙي ورتي آهي جنهن کي سڀاڻي(اڄ) واري اجلاس ۾ واضح ڪندي پي ٽي آءِ جي مذاڪراتي ڪميٽيءَ پاران مطالبا لکت ۾ پيش ڪيا ويندا يا نه بابت جيڪو فيصلو ٿيندو اهو عمران خان جي راءِ مطابق ٿي ٿيندو. هتي دلچسپ ڳالهه اها آهي ته هڪ طرف پي ٽي آءِ حڪومت سان ڳالهين جي ٽيبل تي اچي وئي آهي، ته ٻئي طرف پي ٽي آءِ 14 ڊسمبر کان سول نافرماني جي تحريڪ هلائڻ جو فيصلو عارضي طور تي معطل يا ملتوي ڪرڻ لاءِ به تيار نه آهي ۽ بار بار اهو چوندا رهيا آهن ته سول نافرماني تحريڪ جي پهرئين مرحلي ۾ سمنڊ پار پاڪستانين کي پرڏيهي ملڪن مان پاڪستان پئسا نه اماڻڻ وارو سڏ عمران خان پاڻ ڏنو آهي ۽ سمنڊ پار پاڪستانين سان گڏ ملڪ جو عوام بالخصوص پنجاب صوبو ۽ ڪي پي ڪي جو عوام عمران خان سان والهانه محبت ڪري ٿو جيڪڏهن عمران خان حڪومتي ڳالهين جي ناڪاميءَ ڪانپوءِ حڪمت عمليءَ تحت اهو سڏ ڏنو ته ڪيس ڀرپور موٽ ملندي جهيڙي بعد ڌريون جڏهن ڳالهين لاءِ آماده ٿينديون آهن. تڏهن پهريون ڪم سيز فائر جو ٿيندو آهي پر پي ٽي آءِ سيز فائر طور سول نافرماني جي تحريڪ ملتوي ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي ۽ اها تلوار حڪومت مٿان لٽڪائي پي ٽي آءِ مرضيءَ موجب پيش رفت ۽ حڪومت جو رويو ڏسڻ چاهي ٿي، پر حڪومت به نانيءَ ويڙهو ناهي نوان نوان مطالبا رکي ٿي موٽ ۾ پي ٽي آئي به آهستي آهستي عقلمنديءَ سان فيصلا ڪرائي حڪومت کي سوگهو ڪرڻ چاهي ٿي هيءَ نانگ ۽ نور جي ويڙهه آهي ۽ هر ڪو پاڻ کي طاقتور ته سمجهي ٿو پر کٽڻ ۽ هارڻ جو فيصلو ٽين ڌر طرف ڏسڻ ۾ اچي ٿو پوئين هفتي وارو عمران خان جو بيان انتهائي اهم هو جنهن ۾ هن چيو هو ته "مون پنهنجي زندگيءَ ۾ پاڪستان ۾ لاڳو ڪيل تمام مارشلائن. جن ۾ ايوب خان، يحيٰ خان، ضياء الحق ۽ پرويز مشرف جي مارشل لا ڏٺي آهي. يحيٰ خان ۽ ضياء الحق جي مارشل لا ملڪ جي بدترين مارشل لا هئي، جنهن ۾ جمهوريت کي بلڪل لتاڙيو ويو هو. مشرف جي مارشل لا ان حوالي سان ڪنهن قدر لبرل هئي جيڪو ڪجهه اڄ ملڪ ۾ جمهوريت جي نالي تي ٿي رهيو آهي، ان جي ڀيٽ صرف ۽ صرف يحيٰ خان جي دور سان ڪري سگهجي ٿي، مارشل لا ۾ سڀ کان پهرين جمهوريت، آزاد عدليه ۽ آزاد ميڊيا جو گلو گهوٽيو ويندو آهي ته جيئن آمر جي غلط ڪارين تي ڪوبه آواز بلند نه ٿئي، اڄ جمهوريت جي آڙ ۾ لاڳو هن مارشل لا ۾ اهي تمام فسطائي حربا اتم درجي تي آهن. هيءَ ڪهڙي جمهوريت آهي. جنهن ۾ پاڪستان جي مقبول ۽ وڏي پارٽيءَ جي چيئرمين جو نالو به ميڊيا تي وٺڻ تي پابندي آهي سندس ان بيان ۾ ڪوڙ سارا سوال کڙا ڪيا آهن هن واضح چيو ته فارم 47 جي بوگس حڪومت کي بچائڻ لاءِ تحريڪ انصاف کي چيپاٽيو پيو وڃي ۽ ملڪ ۾ جمهوريت، قانون جي حڪمراني ۽ عدليا جي آزاديءَ جو جنازو ڪڍيو ويو آهي. شهباز شريف صرف ۽ صرف جنرل عاصم منير جي ڪٺ پتلي آهي، ان کان وڌيڪ طاقتور وزير اعظم ته پرويز مشرف جي دور ۾ شوڪت عزيز هو ڇو ته گهٽ ۾ گهٽ تڏهن چونڊن ۾ ان سطح جي ڌانڌلي نه ڪئي وئي هئي، جهڙي هن حڪومت ڪئي. ڌانڌليءَ جي پيداوار فارم 47 جي سهاري بيٺل ناجائز ٽولو اصل ۾ حڪومت جي نالي تي هڪ داغ آهي عمران خان جي اهڙن بيانن ڪانپوءِ ڪميٽين وچ ۾ رٿيل ڳالهيون ڪهڙا نتيجا ڏينديون اهو هر ماڻهو سمجهي سگهي ٿو هڪ سياسي قيدي حڪومت تي تنقيد به ڪري ۽ فائدا به وٺي اهي ٻئي ڳالهيون هڪٻئي جي ضد ۾ آهن جڏهن ته عمران خان پنهنجي زباني چئي رهيو آهي ته القادر ٽرسٽ جو فيصلو مون مٿان دٻاءَ وجهڻ لاءِ لٽڪايو پيو وڃي پر مان مطالبو ڪريان ٿو ته اهو فيصلو فوري طور جاري ڪيو وڃي. القادر ٽرسٽ ڪيس هڪ بوگس ڪيس آهي، جنهن ۾ پري تائين ڪا به ميرٽ نه آهي.مون ڪو بلاول هائوس نه ٺهرايو آهي پر هڪ ڏورانهين علائقي ۾ قوم جي ٻارڙن جي مستقبل لاءِ هڪ فلاحي ادارو قائم ڪيو آهي، جنهن جو مونکي هڪ ريٽي جو به فائدو نه ٿيو آهي ۽ نه ٿيڻو آهي. القادر ٽرسٽ يونيورسٽي به شوڪت خانم ۽ نمل يونيورسٽي وانگر هڪ عوامي مدد سان هلندڙ فلاحي ادارو آهي. مان واضح طور تي چوڻ چاهيان ٿو ته. مان نواز شريف ۽ زرداري وانگر اين آر او نه وٺندس ۽ عدالتن مان ڪيس ختم ڪرائيندس.اسلام آباد قتل عام کي ڇهه هفتا ٿي چڪا آهن. اسان جي گم ٿيل ماڻهن بابت حڪومت پاران ڪا به پيش رفت نه ڪئي وئي آهي، اهو مذاڪرات ۾ ڪاميابيءَ لاءِ حڪومت جي غير سنجيدگيءَ جو واضح ثبوت آهي عمران خان جو اهو بيان نهايت ئي اهميت جوڳو آهي جنهن ۾ سندس موقف چٽو نظر اچي ٿو پر اهي سڀ ڳالهيون هينئر عمران خان کي ياد ڇو پيون اچن اسان وٽ اقتداري ڌر پاڻ کي صاف ۽ شفاف سمجهندي آهي جڏهن ته حزب اختلاف وري حڪومت تي تنقيد جا تير وسائيندي آهي پي ٽي آءِ في الحال ڳالهين کي فيصلاڪن مرحلي ۾ داخل نه ٿي ڪرائڻ گهري، ته جيئن ڳالهين واري عمل کي طول وٺرائڻ سان حڪومت کي ڪريڊٽ نه ملي ۽ مامرا ٻئي چينل سان حل ٿي وڃن. اهو ئي سبب آهي جو پي ٽي آءِ لکت ۾ مطالبا پيش ڪرڻ کان پاسو ڪندي رهي، پر سڀاڻي(اڄ) واري اجلاس ۾ اهي مطالبا لکت ۾ پيش ڪرڻ طرف وڃي رهيا آهن پر پوءِ به ڪين حڪومت طرفان سندن حق ۾ مثبت فيصلا نه ٿيندا ان جو هڪ سبب اهو به آهي ته صرف عمران خان نه پوري پي ٽي آئي قيادت اسٽيبلشمينٽ لاءِ ناپسنديده ٿي چڪي آهي انڪري اهو مامرو ڊيڊ لاڪ جو شڪار رهندو

سنڌ جي عوام سان نئين دشمني ڇو؟



عبيدالله چاچڙ

ماضي ۾ سنڌ صوبي جي عوام سان کهڙي ويساهه گهاتي جو ذڪر ڪجي جتي ديس ڌڻين جي حقن مٿان لڳل ڌاڙا، ڌاڌليون، زور جبر جي لٽ تي ڪڏهن ڪالا باغ ڊيم جو نهڻ ۽ وري ٿل ڪئنال، سنڌ جي ورهاڱي جون بدبوءِ دار خبرون ۽ خواهشون سنڌ جي وسيلن مٿان ڏاڍ ڪري ڌارين جي سرعام آبادڪاري سنڌ جون زمينون هيرا ڦيري ڪري ڪوڙن ڪاتن معرفت ٻاهرين لوڏ کي آباد ڪرڻ، ذوالفقار آباد نالي اسڪيمون ناهڻ توڙي بحريه ٽائون ناهي سنڌ جي لکين بي گهر مسڪينن جون زمينون ڦٻائڻ بين صوبن جي ماڻهن کي هتي آباد ڪرڻ سان گڏوگڏ تازو وري سنڌو مٿان ڇهه نوان ڪئنال جوڙي سنڌ جو جياپو کسڻ وارا اِشو اڄان سنڌ قسمت ۾ لکجڻ ڪانپوءِ جتي سنڌ جو شعور ميدان عمل تي احتجاجي آهي اڄ وري هڪ ٽيون نئون ممڻ مچايو ويو آهي جتي صوبي جي لکين ايڪڙ زمين وفاقي حڪومت جي مصلحت ڪانپوءِ هڪ ڪمپني حوالي ڪرڻ جا سنڌ حڪومت نه رڳو سانباها ۾ نوٽيفڪيشن جاري ڪندي اهو ڄاڻايو ويو آهي ته صوبي جي مختلف ضلعن عمرڪوٽ، خيرپور، ٺٽو سجاول ۽ بين ضلعن مان غير آباد زرعي زمين گرين ڪارپوريٽ فارمنگ جي هڪ ڪمپني حوالي ڪئي پئي وڃي جتي سنڌن اهڙي زمين ليز تي ڏني ويندي اهڙي نوٽيفڪيشن جاري ٿيڻ ڪانپوءِ سنڌ جا ماڻهو اڳ ئي گهڻ رُخين زيادتين ڪانپوءِ نه رڳو سراپا احتجاج پر تمام گهڻي مقدار ۾ سندن ان وقت وڌيڪ ڏمرجي پيا جڏهن وفاق جي ڪيل دشمني ۾ سنڌ حڪومت ڀاڱي ڀائيوار ٿي سنڌو درياءَ مٿان ڇهه نوان ڪئنال ناهڻ وارو اِشو سامهون آيو آهي هن وقت جيتوڻيڪ سنڌ حڪومت ڪئنال پوري ڪرڻ لاءِ اهو چئي معاملي کي ٽاريو پيو وڃي ته سنڌو مٿان ڪنهن به ڪئنال کي نهڻ لاءِ سنڌ حڪومت ڪنهن به صورت ۾ راضپو ڪونه ڏيکاريندي، هي ظاهري طور ڳالهيون ته ٻڌڻ ۾ اچي رهيون آهن باقي عملي طور به اهو چيو پيو وڃي ته انهن ڇهن ڪئنالن بابت سندن ڪم به جاري آهي.

ملڪ جي صدارت تي ٻيهر فائز رهندڙ جناب آصف علي زرداري به ڪجهه ڏينهن ٻهراڻ لاڙڪاڻي ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي واري جلسي ۾ اهو واضح ڪيو هيو ته سنڌ جو پاڻي ۽ گئس وغيره ڪيڏانهن به ڪونه ٿي وڃي پر اڄ حالت اها آهي جتي سنڌ اهو صوبو آهي جيڪو ملڪ کي نه رڳو گهڻي مقدار ۾ سڀ ملڪ اندر جتي 180 تعداد ۾ گئس جا ذخيرا آهن ان ۾ سنڌ واحد صوبو آهي جيڪو ملڪ کي 152 گئس جا ذخيرا ڏئي ٿو ۽ جيڪڏهن تيل جو ذڪر ڪجي ته هي ملڪ جو اهو صوبو سنڌ آهي جيڪو ملڪ کي بين صوبن جي پيٽ ۾ چوڻ تي تيل جي رائلٽي به مهيا ڪري ٿو نتيجي طور جيڪڏهن ڏسجي ته هن صوبي سنڌ جا اڄ لکن جي تعداد ۾ اهڙا علائقا ۽ ڳوٺ آهن جتي اُهي گئس جا کوهه سڏ پنڌ تي هجڻ ڪانپوءِ سي علائقا گئس جي سهولت کان محروم آهن اهڙي ريت جيڪڏهن شهري آبادين جو ذڪر ڪجي ته اُتي به اُتي ۾ لوڻ برابر گئس جي فراهمي نه ٿي ڏني وڃي يقيناً ڪيتري حد تائين هن صوبي جي عوام سان زيادتي ڪئي پئي وڃي ۽ موٽ ۾ اهو چيو ويندو آهي ته سنڌ جو پاڻي ۽ گئس ڪيڏانهن به ڪونه ٿي وڃي خبر ناهي ته هي سنڌ جي عوام سان کهڙي مذاقي راند ڪئي پئي وڃي. ڪڏهن کهڙا منصوبا ناهي سندن زيادتيون ڪيون پيون وڃن ته وري ڪٿي پاڻي مٿان ڌاڙا هڻڻ ۽ هنيئر وري نئون ممڻ مچائڻ شروع ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪرائڻ خاطر سي لکين ايڪڙ زمينون ليز تحت ڪمپني کي ڏنيون پيون وڃن جيڪي ڪمپنيون اڳتي هلي هتي سنڌ جي ماڻهن کي ائين رهائش ۽ برسر روزگار مهيا ڪنديون جيئن اڄ پاڻ هتي بحريه ٽائون جو به ذڪر ڪري سگهون ٿا جتي جو پلاٽ به اڄ انهي رقم ۾ وڪرو ٿي رهيو آهي جيڪو هن صوبي سان تعلق رکندڙ وچولي طبقي جو ماڻهو ته پنهنجي جاءِ تي پر سواءِ انهن سرمائيدارن ماڻهن جيڪي سنڌ جي عوام مٿان مڙهي سندن رت چوسي وينا آهن سي ته اهڙن علائقن ۾ وڃي رهي سگهن ٿا باقي ڪنهن به ديس ڌڻي ۾ اڄ اهڙي معاشي طاقت هرگز ڪونه آهي جيڪو بحريه ٽائون نالي علائقي ۾ ڪو بنگلو به خواب سندن فليٽ وٺي سگهي اڄ بحريه ٽائون اندر جيڪا رهائشي آبادي آهي سا اٽي ۾ لوڻ برابر سنڌ جا ماڻهو باقي بين صوبن سان تعلق رکندڙ بنگلن جا مالڪ آهن جيڪي سنڌ اندر سرڪاري نوڪرين توڙي خانگي ڪمپنين جا مالڪ آهن اهڙي ريت سنڌ اندر جيڪي به پيا پراجيڪٽ متعارف ڪرائي سندن وجود ۾ آندا ويا آهن تن مٿان مڪمل طور بين صوبن سان واسطيدار ماڻهن جو ائين قبضو آهي جيئن هڪڙي ڳالهه آئون مختلف وقتن تي واضح ڪندو آهيان ته اسان وٽ اهي وڏا وڏا پراجيڪٽ جيئن تيل، گئس ۽ ڪوئلي جون ڪمپنيون انهن ۾ هر ننڍي وڏي ملازم کان وٺي چوڪيداري ۽ مسجد جي پيش امامي تائين ٻاهرين صوبن جي لوڏ ڀرتي ٿيل آهي اهڙي ريت هي جيڪو نئون ممڻ مچي رهيو آهي جنهن خلاف هيستائين سنڌ جي شعور قومپرست ڌريون، وڪيل اڳواڻ جيڪي اڳ ئي ڇهه نون ڪئنالن خلاف روڊن تي آهن مسلسل احتجاج جاري آهي پر وفاقي ۽ سنڌ حڪومت هن وقت تائين پنهنجي هوڏ تان لهڻ لاءِ هرگز تيار ڪونه آهي جتي اهڙن ڇهه ڪئنالن وارو اعلان واپس ورتو وڃي.

خير هتي آيل خبرن موجب ته هن وقت سنڌ حڪومت صوبي جي انهن ضلعن خاص طور عمرڪوٽ ضلعي جي گهڻي مقدار ۾ زرعي زمين هڪ ڪمپني کي ڏئي سندن معاهدو ڪري رهي آهي جيڪو سنڌ جي عوام ڪنهن به صورت ۾ قبولڻ لاءِ تيار ناهي، هونئن ته سنڌ جي ايتري تعداد ۾ زرعي زمين غير آباد پيل آهي جيتري اڄ سندن آباد به ڪونه پئي ڏسجي جنهن جو اصل ڪارڻ صوبي سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نه ملڻ آهي جيڪڏهن 1991 ع جي پاڻي ٺاهه تحت اڄ سنڌ کي حصي جو پاڻي ملي ها ته يقيناً هي ٿر ۽ ڪاڇو ته پنهنجي جاءِ تي پر اتر ۽ لاڙ سميت صوبي اندر جيڪا لکين ايڪڙ غير آباد زرعي زمين تباهه ۽ برباد پئي آهي سا ڪنهن به صورت ۾ اهڙيون حالتون نه هجن ها. اها ڳالهه يقيناً مڃڻ جي قابل آهي ته ٿر اندر لاتعداد ايڪڙن ۾ زرعي زمينون اڄ بنجر بڻيل آهن پر جيڪڏهن سنڌ حڪومت انهي زرعي زمينن کي آباد ڪرائي سي زمينون بي گهر ماڻهن ۾ ورهايون وڃن ته اهڙي عمل سان سنڌ صوبي اندر هڪ نئين خوشحالي اچي سگهي ٿي، باقي جيڪڏهن انهي ٿر مان چونڊيل نمائندن ماضي وانگر اهي واعدا ۽ وچن ڪري سي زمينون ليز تي ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جيئن ان وقت به ٿر جي ماڻهن سان واعدا ڪيا ويا هئا جڏهن ٿر ڪول پراجيڪٽ لڳي رهيو هيو ته مقامي ماڻهن جي جذباتن کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ سندن روزگار جو آسرو ڏنو ويو پر بعد ۾ اهو ڏنو ويو ۽ اڄ سوڌو اتي مقامي ٿر واسين سميت سڄي صوبي جي عوام کي نظرانداز ڪري ٻاهرين لوڏ کي آباد ڪيو ويو آهي اڄ ٿرڪول اندر حالت اها آهي جيڪا مون مٿين سٽن ۾ عرض ڪيو ته اسان وٽ اهڙين پراجيڪٽ اندر مسجد جو ملو به بين صوبن جو ڀرتي ٿيل نظر ايندو باقي نوڪرين ۽ پرائيويٽ ٺيڪا ته پنهنجي جاءِ تي ان ڪري هي جيڪا نئين سر ڪچڙي پچائي پئي وڃي ان پنيان به انهي ٻاهرين لوڏ جو وڏو هٿ ملوث هوندو جيڪي اڃان وڌيڪ هن صوبي جي عوام مٿان ڌاڙو هڻڻ چاهين ٿا. سنڌ حڪومت پاران اهڙي ليز جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ جي ماڻهن ۾ جيستائين ڪاوڙ جي لهر ته پکڙجي چُڪي آهي ڇو ته هو اڳ ئي سندن ٿيل گهڻ رُخين زيادتين خلاف روڊن تي آهن مٿان وري هي نئون ممڻ مچائي خبر ناهي ته اڃان وڌيڪ ڪيترين ناانصافيون ڪيون وينديون. سنڌ حڪومت کي گهرجي ته اهڙو جاري ٿيل نوٽيفڪيشن واپس ورتو وڃي جنهن جو قانون ۽ آئين ۾ ڪوبه حق نه ٿو ٺهي، ائين نه ٿئي جو اڄ جيڪي ڇهه ڪئنالن جي منصوبي ڪانپوءِ حالتون درپيش آهن اُتي اڃان وڌيڪ صورتحال خراب نه ٿي وڃي.

بقايا 01

بڻائڻ ضروري آهي، سيڙپڪاري جي حوالي سان مثبت انگ اکر سامهون اچي رهيا آهن، معيشت کي هٿي وٺرائڻ سان ئي ملڪ ترقي ڪندو آهي سيڙپڪارن،صنعتڪارن کي سوچڻ گهرجي جيڪڏهن سڀ ملڪ جي گڏيل مفاد لاءِ ڪم ڪن ته ملڪ ترقي ڪندو ۽ ڪا به طاقت اسان جو رستو روڪي نه سگهندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن فيڊريشن پاڪستان چيمبر آف ڪامرس انڊسٽري جي وقتي صدر بلال وقار خان، ميان زاهد، ڳرداس واڌواڻي جي اڳواڻي ۾ ملاقات ڪندڙ وفد سان ڳالهائيندي ڪيو صنعتڪارن جي وفد ۽ گلگت بلتستان جي گورنر وچ ۾ ملاقات ۾ صوبي جي آبادي، اسڪولن، اسپتالن، انفراسٽرڪچر، صنعتڪارن ۽ واپارين کي درپيش مسئلن ۽ بين معاملن تي به خيالن جي خوشگوار ماحول ۽ مثبت گفتگو ڪئي. ان دوران فيڊريشن چيمبر آف ڪامرس گورنر گلگت بلتستان کي شيلڊ پڻ پيش ڪئي. گورنر گلگت بلتستان يقين ڏياريو ته هو صنعتڪارن کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندو

بقايا 02

ناظم اعليٰ چونڊيو ويا. اجلاس ۾ ضلعي جي علماء ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. طاهري ترانو سان اجلاس جي پڄاڻي مُلڪي سلامتي ۽ عالم انسانيت جي خيربرڪت جي دعا ڪئي وئي. خبر موجب سنڌ جي صوفي بزرگ ۽ نقشبندي سلسلي جي سالار حضرت محبوب سڄڻ سائين مدظله جي عالمن جي نمائنده تنظيم. "جمعيت علماء طاهريه پاڪستان" ضلعي ڄامشورو جي سال 2025 ع لاءِ نئين باڊيءَ جي چونڊ جمعيت جي سينيئر اڳواڻ علامه مولانا محمد عثمان جلباڻي طاهري، مولانا عبدالخالق چاچڙ طاهري ۽ مولانا دلدار احمد چانڊيو طاهري جي نگراني هيٺ مصباح الدين مسجد بسم الله ڪالوني ڄامشورو ۾ ٿي گذري جنهن ۾ ڄامشورو، ڪوٽڙي ۽ ٻين علائقن جي علماء ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. چونڊ اجلاس دوران نئين چونڊيل باڊيءَ ۾ جيڪي عهديدار چونڊيا ويا ان ۾ علامه وقار احمد ابڙو طاهري صدر، مولانا خليفه فقير محمد آڪاٽي طاهري معاون صدر، حافظ زاهد حسين ٻاٽ طاهري معاون صدر دوم، مولانا حافظ محمد علي سومرو طاهري سينيئر نائب صدر، مولانا عبيدالله حيدري طاهري نائب صدر، مولانا قاري رحمت الله لاشاري طاهري جنرل سيڪريٽري (ناظم اعليٰ)، مولانا عبدالرزاق برهماڻي طاهري معاون جنرل سيڪريٽري، مولانا صدام حسين چانڊيو طاهري جوائنٽ سيڪريٽري، مولانا غلام حسين چانڊيو طاهري خزانچي، مولانا سراج احمد سولنگي طاهري معاون فنانس، مفتي جنيد احمد موڃائي طاهري پريس سيڪريٽري، مولانا بشار علي ميرجت طاهري آپيٽر، مولانا خليفه معشوق علي ميمڻ طاهري، مددگار آپيٽر ۽ مولانا غلام مصطفيٰ ابڙو طاهري کي آفيس سيڪريٽري چونڊيو ويو. اجلاس جي شروعات ۽ تلاوت نعت ۽ منقبت بعد سابق صدر ۽ جنرل سيڪريٽري پوئين سال جي تنظيمي ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي، جڏهن ته اجلاس جي آخر ۾ طاهري ترانو پيش ڪري ملڪي سلامتي ۽ عالم انسانيت لاءِ دعا ڪئي وئي.

بقايا 03

اسلامي. مسلم ليگ ن. سنڌ ترقي پسند پارٽي، جسقم. سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ آيل اڳواڻن ٽول پلازه جي خلاف سڀاڻ منجهند جو ٽول پلازه واري جاءِ تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان ڪندي چيو ته هڪ ضلعي ۾ به ٽول پلازه ناهڻ غيرقانوني عمل آهي. متياري ضلعي جي عوام کي ڦرڻ لاءِ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي پاران زبردستي ٻيو ٽول پلازه لڳايو ويو آهي جيڪو ڪنهن به صورت ۾ قبول نه آهي. هنن چيو ته متياري ضلعي ۾ قومي شاهراهه جي حالت انتهائي خطرناڪ آهي ۽ حادثا معمول بڻيل آهن. نيشنل هاءِ وي اٿارٽي قومي شاهراهه جي مرمت ڪرڻ بدران غيرقانوني ٽول ٽيڪس هڻي عوام جي پريشانين ۾ اضافو ڪري رهي آهي. هنن چيو ته سڀاڻ متياري ٽول پلازه اڳيان پرامن احتجاج ڪري ٽول پلازه هٽائڻ جو مطالبو ڪيو ويندو.

بقايا 04

مولانا عبد مهر جي صدارت هيٺ ٿي گذريو جنهن ۾ ضلعي عهديدارن مولانا عبدالباري شيخ، مولانا ثناء پتي مفتي غلام قادر بروهي، قاري محمد منيب سومرو، مولانا محمد طيب ميڪو مولانا تاج محمد مهر سيد طاهر محمود شاهه امروٽي، مفتي عبدالرزاق بروهي، مولانا عبدالوحيد کيهر، استاد رفيق احمد داؤ حافظ رفيق احمد شر، ڏنو سومرو، قاري سعيد احمد مهر، محمد منيف بروهي شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي ضلعي امير مولانا عبد مهر چيو ته ضلعي شڪارپور جي امن امان کي سنڌ جي حڪمرانن هٿ سان خراب ڪيو آهي.

پوليس بيوس بڻيل آهي ان کي مڪمل اختيار ناهن مليل ان کي امن امان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي پئي ،هڪ پاسي ايس ايس پي ڌوهارين خلاف ڪم ڪري رهيو آهي، پر پوءِ به ڌوهن تي ضابطو ناهي اچي سگهيو، ويتر حالات انتهائي خطرناڪ بڻجي ويا آهن. آئي ڏينهن ڦرلٽ ۽ ڳاڏيون کسڻ جون وارداتون ٿي رهيون آهن. غريب ماڻهن جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي، هاڻي ته لاش، ۽ مريض کڻي وڃڻ وارا به محفوظ ناهن رهيا ، شڪارپور ضلعي جو عوام امن لاءِ ترسي رهيو آهي پر هتان جي چونڊيل نمائندن کي ڪا به پرواهه ناهي.

بقايا 05

واٺوڙو پورهيت مرٽيڱ سيوهڻ اسپتال منتقل ڪڪڙ واسي پورهيت علي ملاح ٻاءِ پاس وٽ رستو پار ڪندي تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر لڳڻ دوران زخمي ٿي پيو جنهن کي وارثن پاران ڦٽڪندي جوڳي حالت ۾ سيوهڻ اسپتال ريفر ڪيو ويو، حادثي دوران موقعي تان ڪوچ ڊرائيور فرار ۽ ڪامياب ٿي ويو ڪڪڙ پوليس ڪوچ کي تحويل ۾ ورتو آهي

بقايا 06

کان شاندار ريلي ڪڍي خوشي جو اظهار ڪيو ويو ريلي جي اڳواڻي مولانا جواد حيدر نجفي، شڪيل احمد ميمڻ، محمد ابراهيم ميمڻ ،محمد ملل ميمڻ، شهباز حيدر، ارشاد جعفري ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ريلي شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي مين چوڪ تي پهتي جتي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته اسان خوش نصيب آهيون جو مولا علي عليه السلام اسان جو امام آهي مولا علي عليه السلام جي ولادت ڪعبته الله شريف ۾ ٿي حضرت علي عليه السلام جن دين اسلام جي لازوال قربانيون سان تاريخ رقم ٿيل آهي اسان سڀني کي مولا علي عليه السلام حق ۽ سچ جي واٽ جو درس ڏنو آهي اسان سڀني مسلمانن کي گهرجي ته اسان مولا علي عليه السلام جي ڏَس رستي تي هلي ڪامياب زندگي گذاريو ريلي جڏهن ته هي ريلي مختلف امام بارگاهه ۾ پڄڻ کان ٿيندي واپس امام بارگاهه المعصومين تي پهتي جتي ولادت مولا علي جي خوشي ۾ ڪيڪ ڪاٽيو ويو

بقايا 07

صلاحڪار مقرر ڪرڻ جي سخت مذمت ڪندي چيو آهي ته هڪ طرف ٿرپارڪر ضلعي ۾ 450 معصوم ٻارڙا خوراڪ جي کوٽ ۽ مناسب علاج جون سهولتون نه هجڻ ڪري فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ سال دوران 150 کان وڌيڪ ماڻهن آپگهات ڪري چڪا ٻي طرف وري حڪمران پارٽي پنهنجي من پسند سياسي پوٽارن کي نوازڻ لاءِ سرڪاري وسيلن کي ٻنهي هٿن سان لُٽي رهي آهي جڏهن ته سندن ڪارڪردگي صفر ۽ خرچ اربين رپين ۾ آهن. سنڌ ۾ گذريل 16 سالن ۾ اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود صحت، تعليم ۽ انفراسٽرڪچر جا شعبا مڪمل طور تباهي جو شڪار آهن. ماڻهو بک، بدحالي ۽ غربت جو شڪار آهن. سرڪاري رپورٽ موجب 78 لک کان وڌيڪ ٻارڙا اڃا تائين تعليم کان محروم آهن. هن اڄ هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ترقياتي منصوبا 10 کان 20 سالن تائين هلن ٿا ۽ انهن جي لاڳت چار ڀيرا وڌي وڃي ٿي. پيپلز پارٽي مسلسل چوٿين ڀيرو ۽ صوبي ۾ ان جي حڪومت جا 16 سال پورا ٿي ويا آهن جنهن جي باوجود به سنڌ جون حالتون تبديل نه ٿيون آهن ۽ عوام اڄ به پٿر جي دور ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي، قبيلائي جهيڙن، ڦرلٽ ۽ عدم تحفظ جي ڪري ماڻهن جو جيئڻ مشڪل ٿي پيو آهي، سنڌ جي ترقيءَ ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ جاگيرداري نظام ۽ ڪرپشن آهي، سنڌ ۾ مهانگائي، بدامني، بيروزگاري، سرڪاري اسڪولن ۾ استاد ناهن، ڪيترائي اسڪول بند ۽ عمارتون زبون حال آهن. سنڌ جي تعليم جو بيڙو ٻڏي رهيو آهي، اها سنڌ حڪومت جي بنيادي ذميواري آهي ته هو سنڌ ۾ تعليم جي معيار کي درست ڪرڻ سنڌ حڪومت جي اوليت ۾ ناهي، سنڌ حڪومت پنهنجي اڳواڻن کي نوازڻ بدران ڪابينا ۾ گهٽتائي ڪري عوام کي صحت، تعليم ۽ صاف پاڻي سميت بنيادي سهولتون فراهم ڪري ته جيئن عام ماڻهو سک جو ساهه کڻي سگهن #

بقايا 08

شعبي مان هڪ ڀيرو ٻيهر لکين رپين جي چوري جو انڪشاف ٿيو آهي، اهڙي اطلاع تي يونيورسٽي انتظاميا ٻن ملازمن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي، ٽرانسپورٽ شعبي سان لاڳاپيل ورڪشاپ ۾ مبينا طور مقرر عملي جي مدد سان هڪ ڀيرو ٻيهر لکين رپين جو لوهه ٽائر ۽ بيٽريون چوري ٿي ويون آهن، اهڙي اطلاع ملڻ تي انتظاميا ۾ ڏڪڻي پئجي وئي ۽ 2 ڳارڊن کي معطل ڪيو ويو، ان سلسلي ۾ ٽرانسپورٽ انچارج ڊاڪٽر براڊي وريائي جو چوڻ آهي ته سنڌ يونيورسٽي جي ورڪشاپ مان پراڻو سامان چوري ٿي ويو آهي، ان بابت انتظاميا کي آگاهه ڪيو ويو آهي. ڪارروائي انتظامي مسئلو آهي، جاچ ڪري ملوث ملازمن بابت يونيورسٽي انتظاميا کي آگاهي ڏني ويندي.

بقايا 09

تحريڪ جو وفد چيئرمين مولانا مسعود احمد قادري. ڪامريڊ احسان جيهو ابڙو- صاحبزادا فضل الله نوراني- پروفيسر پرڪاش لال ريجنل پريس ڪلب پهچي صدر زخمي رشيد مهر ۽ سينئر نائب صدر مير امتياز علي مري خزانچي مومن علي مهر کي گلن جا هار پارايا جڏهن ته شڪارپور بچايو تحريڪ جي چيئرمين مولانا مسعود احمد قادري ڳالهائيندي چيو ته اسان جو هرممڪن ڪوشش ريجنل پريس ڪلب شڪارپور سان ساٿ جاري رهندو

بقايا 10

سم جي بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪري پئي، ڊرائيور ۽ ڪلينر سخت زخمي نواب شاهه منتقل، تفصيل موجب. نيوسعيدآباد مهراڻ هاءِ وي تي پڪا چانگ کان حيدرآباد طرف ويندڙ شهزور مزدا شهيد دودو کان پوليس چيڪ پوسٽ وٽ موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي ڦيٽيون کائيندي سم جي بيٺل پاڻيءَ ۾ هلي وئي، نتيجي ۾ شهزور مزدا ڊرائيور ۽ ڪلينر سخت زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ سڄڻ پٽ محمد ڪامل شر ۽ ذوالفقار پٽ غلام حيدر رند ڳوٺ پڪا چانگ شامل هئا. جن کي ڳوٺاڻن ڳاڏي مان ڪڍي تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد منتقل ڪيو جتي ملم پٽيءَ بعد نواب شاهه ريفر ڪيو ويو جڏهن ته نامعلوم موٽرسائيڪل سوار موقعي تان فرار ٿي ويو آخري اطلاع تائين شهزور مزدا سم جي بيٺل پاڻي ۾ پئي هئي.

بقايا 11

جنهن ۾ ضلعي جي مختلف اسڪولن جي شاگردن پاران اسٽيم ميلي ۾ 22 کان وڌيڪ مختلف پروجيڪٽ نمايان ڪيا ويا ان موقعي مهمان خاص ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد ريجن غلام سرور ملاح کي ڊي اي او سيڪنڊري ڪريم بخش سومرو اسٽيم ميلي ۾ ضلعي جي اسڪولي شاگردن پاران مختلف پروجيڪٽ وزٽ ڪرايا. جڏهن ته ڊائريڪٽر ايجوڪيشن غلام سرور ملاح شاگردن پاران اسٽيم ميلي بهترين پروجيڪٽ پيش ڪرڻ تي ساراهيو.

بقايا 12

ڊيلر جي دڪان تي ست لک روڪ رقم، راڊو واچ موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا، تفصيل موجب ڪنٽونمينٽ ڪوٽڙي سيڪشن ٿاڻي جي حد رسالدار روڊ تي موٽرسائيڪل سوار ڪلاشنڪوف هٿيار بند لاٿي پگڙا هول هول سيل نادر علي جسڪاڻي ۽ عملي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندن کان ست لک روڪ رقم موبائل فون راڊو واچ موبائل فون ڦر ڪري ڦورو آسانيءَ سان وچ مان فرار ٿي ويا. واقعي جو اطلاع ملڻ تي پوليس کي ڏنو اطلاع ملڻ تي پوليس برقت پهچي ڌوهارين جو پيڇو ڪري ٻويان روانا ٿي وئي، متاثر دڪاندار رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته ڌاڙيلن جيئڻ جنجال بڻائي ڇڏيو ڏينهن ڏٺي جو وچ شهر ۾ ڦر جي واردات پوليس لاءِ سوالي نشان آهي پوليس شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۾ ناڪام ٿي وئي، ڌوهارين جا ٽولا سج لهڻ کان پهريان شهر اندر داخل ٿئي ڦرلٽ جون وارداتون ڪري آساني سان فرار ٿي وڃن ٿا، آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي سميت ٻين لاڳاپيل ادارن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪندي چيو ته ڌوهارين خلاف ڪارروائي ڪري ڦرلٽ ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي،

بقايا 13

چيئرمين سردار شاهه رخ انور سيال طرفان شهر جي گورنمينٽ بوائز ۽ گرلز پرائمري اسڪول رحمت پور محلي ۾ سولر سسٽم جو افتتاح ڪيو ويو، ان موقعي تي چيئرمين ڏڪي ٽائون شاهه رخ انور سيال ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين صدر پاڪستان آصف علي زرداري، ايم پي اي فريال ٽالپر ۽ ايم پي اي سردار سهيل انور سيال جي عوامي ويزن مطابق اڄ اسان شهر جي رحمت پور پاڙي ۾ قائم گورنمينٽ بوائز ۽ گرلز پرائمري اسڪول رحمت پور ۾ سولر سسٽم جو افتتاح ڪيو آهي ته جيئن هتان جي شاگردن، شاگردياڻين، استادن ۽ اسٽاف کي بجلي جي حوالي سان ڪابه ڏکيائي پيش نه اچي سگهي، هن چيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ پڙهندڙ شاگردن توڙي شاگردياڻين کي معياري تعليم ۽ بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن، جڏهن ته ڏڪي ٽائون جا سڀئي سرڪاري اسڪول تيزي سان سولر انرجي تي منتقل ڪيا پيا وڃن، جيڪا شاگردن لاءِ هڪ بهترين سهولت آهي ۽ توانائي جي بحران کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو

بقايا 14

ڪائنات مولا علي عليه السلام جن جي ولادت باسعادت جي حوالي سان درٻيلو امام بارگاهه مان مؤمنن اقبال رند بابو جان هڳورجو عالم رند گلبهار ملاح محمدعلي رند آڪاش علي سرڪش علي ملاح جمال رند شفيع رند ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي ريلي سموري شهر جو گشت ڪرڻ بعد مين بس اسٽاپ تي پهتي جڏهن ته ريلي جي شهرين پاران گلن جي ورکا ڪري شاندار استقبال ڪيو ان موقعي تي ريلي ۾ شريڪ اڳواڻن جو چوڻ آهي ته 13 رجب المرجب تي ڪعبه ۾ مولا علي ابن ابي طالب عليه السلام جن جي ولادت باسعادت ٿي. هنن چيو ته مولا ڪائنات علي ابن ابي طالب عليه السلام جن جي آمد سان مڪي ۾ خوشي جي لهر ڇانئجي وئي. هنن چيو ته اسلام جي بقا لاءِ مولا علي ابن ابي طالب عليه السلام جن پنهنجي ۽ پنهنجي آل جي جانين جا نذرانا ڏئي اسلام جو علم بلند ڪيو درٻيلو امام بارگاهه ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا 15

عبدالمنان بلر پنهنجي جاري ڪيل پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ جي خاص هدايتن تي ريسڪيو 1122 پاران باندي ۽ سڪرنڊ ۾ سيٽ لائيٽ اسٽيشن قائم ڪيا ويا آهن باندي ۽ مهراڻ هائي وي ۽ سڪرنڊ ۾ نيشنل هائي وي تي پيش ايندڙ حادثن دوران انساني جانين بچائڻ لاءِ ريسڪيو 1122 جون ٽيمون موجود هونديون جيڪي فوري طور تي حادثي يا ڪنهن به آفت جي متاثرن کي فرسٽ ايڊ ڏيڻ سميت ڪين ريسڪيو ڪرڻ ۽ مدد ڪندي هنن چيو ته مهراڻ هائي وي ۽ نيشنل هائي وي تي پيش ايندڙ حادثن سبب پهرين مرحلي ۾ باندي ۽ سڪرنڊ ۾ ريسڪيو 1122 جون سيٽ لائيٽ اسٽيشنز قائم ڪيون ويون آهن جيڪي هفتي جا سڀئي ڏينهن 24 ڪلاڪ ڪم جاري رکنديون.

بقايا 16

محمد شيخ چيو آهي ته محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي، شهرين کي گهرجي ته سرڪاري ادارن خلاف پنهنجون شڪايتون کڻي اچن ڪين تڪڙو، بغير ڪنهن فيس ۽ وڪيل جي مفت انصاف فراهم ڪيو ويندو اهڙن خيالن جو اظهار ميونسپل ڪاميٽي آفيس گهوٽڪي ۾ مڪاني ڪاتي جي چونڊيل نمائندن سان منعقد ٿيل محتسب اعليٰ اداري بابت آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي ڪيو ان موقعي تي هن ڳالهائيندي چيو ته محتسب اعليٰ سنڌ محمد سهيل راجپوت جي هدايتن موجب عوام ۾ سڄاڳي پيدا ڪئي پئي وڃي ته محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو تڪڙو، مفت ۽ بغيروڪيل جي انصاف فراهم ڪندڙ ادارو آهي جيڪو عام ماڻهن جي شڪايتن جو ازالو ڪرڻ لاءِ جاکوڙي پيو هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن به عام ماڻهو جو ڪنهن سرڪاري اداري ۾ جائز ڪم نه پيو ٿئي يا بغير ڪنهن سبب جي دير ڪئي پئي وڃي ته هو ريجنل آفيس گهوٽڪي ۾ سادي ڪاغذ تي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي سميت درخواست جمع ڪرائي سگهجي ٿي ان کان علاوه محتسب اعليٰ سنڌ جي ويب سائيٽ تي پڻ شڪايتون ڪري سگهجن ٿيون. هن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته مڪاني ڪاتو عام ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو هڪ بهترين پليٽ فارم آهي انڪري چونڊيل نمائندن کي گهرجي ته هو پنهنجي پنهنجي علائقي جي ترقي لاءِ ڪردار ادا ڪندي شهرين کي سهولتون فراهم ڪن.

بقايا 17

درپيش مسئلن کان آگاهه ڪيو ويو. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ڊي آءِ جي ايسٽ چيو ته اسان عوام جي حفاظت جي تحفظ جي پڳهار کڻون ٿا هاڻ اهو وقت نه آهي ته ڪير صنعتڪارن کان ڀتاخوري ڪري، امن امان جي صورتحال تمام بهتر آهي اسان جا جوان هر وقت عوام جي حفاظت لاءِ موجود آهن ملڪ جي معيشت ۽ صنعت جو تمام اهم ڪردار آهي. هن چيو ته واپارين پاران ڦاٽڪ آباد، داؤد چورنگي ۽ مرغي خانا تي حدخلين بابت ڊپٽي ڪمشنر مليرسان رابطو ڪري واپارين کي پيش ايندڙ مشڪلاتن کي حل ڪيو ويندو، ان موقعي تي لانڍي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جي صدر زين بشير ۽ سيڪريٽري جنرل شاهه زمان پنهنجي خطاب ۾ چيو ته پوليس جو اسان سان سهڪار رهي ٿو غير ملڪي واپاري جي اچڻ دوران ڪجهه مشڪلاتون پيش اچن ٿيون ڇاڪاڻ ته ان سلسلي ۾ سيڪيورٽي لاءِ هڪ ڏکئي مرحلي مان گذرڻو پوي ٿو اسان سرڪار کان گذارش آهي ته سيڪيورٽي جي معاملي ۾ ٿيندڙ مشڪلاتن کي مختصر ڪيو وڃي ته جيئن اسان جو وقت بچي سگهي.

بقايا 18

ڪراچي ۾ رهاڻ تقريب ڪوٺائي وئي جنهن ۾ نالي وارن فنڪارن جاويد تاڪاٿي،سيده تبسم، غلام مصطفيٰ عباسي، وهاب سومرو، ايڊوڪيٽ نور رضوان صابر، اسماعيل پنهور، يامين شهزاد ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ميرخان بنگلاڻي کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته ميرخان جون شويز ۽ ڪيل خدمتون قابل داد آهن هن فن جي دنيا ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا آهن ۽ مختلف فورمن تي سنڌ جي بي پهچ ماڻهن جي سماجي خدمت پڻ ڪئي ميرخان بنگلاڻي هڪ گهڻ رُخي شخصيت آهي سنڌ کي ههڙن ڪردارن جي ضرورت آهي ميرخان بنگلاڻي چيو ته دوستن جي ڏنل محبتن جو ٿورائتو آهيان ههڙيون ڀيٽا تقريبون وڌيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ اتساهين ٿيون اسين هروقت پنهنجي حصي جو ڪم جاري رکنداسين تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ميربنگلاڻي کي اُجرڪ ۽ گلن جا تحفا پيش ڪيا

بقايا 19

ولادت باسعادت جي خوشي ۾ سالياڻا پروگرام جشن مولود ڪعبه ملهايو ويو جنهن ۾ سيد مبارڪ شاهه، زنوار حسين بخش ڪوسو، مولوي محمد علي ڪوسو، مولوي خادم حسين ڪربلائي مشوري، صيفل چنڙ، سائين رکيو مگنهار، سيد محبوب شاهه پنهل ڪوسو ،نويد علي شاهه صداقت شاهه ،عبدالشڪور جوکيو سميت مومنين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي تقريب ۾ سڀني آيلن ڪيڪ ڪٽي هڪٻئي کي کارائي مبارڪون ڏنيون جڏهن ته مشهور نعت خوان راڻو خان وڳڻ پنهنجي سائين سان گڏ نعتون پڙهيون ۽ مولوي محمد علي ڪوسو ۽ مولوي خادم حسين ڪربلائي تقريرون ڪندي مولا علي عليه السلام جي شان بيان ڪيو ۽ آخر ۾ مولوي محمد علي ڪوسو دعا خير گهري جنهن بعد لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا 20

سهيل احمد سرهندي پنهنجي وفد سان گڏ درگاهه مخدوم عبدالرحمان شهيد تي حاضري ڀري ۽ مخدوم عبدالرحمان شهيد ڪلچرل ايجوڪيشنل اينڊ ڊولپمينٽ ٽرسٽ طرفان هلندڙ پراجيڪٽن جو معائنو ڪيو ' آيل مهمانن کي آجيائو درگاهه عاليه جي سجاده نشين ۽ ٽرسٽ جي چيئرمين مخدوم نديم احمد هاشمي ڏنو ۽ درگاهه جي تاريخ ۽ شهداءِ جي قربانين ۽ درگاهه سان وابسته علمي' مذهبي خدمتن ۽ شهادتن جي دردناڪ واقعي بابت آگاهي ڏني وئي، جڏهن ته ٽرسٽ جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ظهير لاڙڪ هلندڙ پراجيڪٽن جن ۾ لائبريري ' اي لائبريري' الشهيد ڪمپيوٽر سينٽر ' ايجوڪيشنل ڪمپليڪس ۽ سالياڻي ٿيندڙ عالمي علمي ادبي ' سماجي پروگرامن متعلق بريفنگ ڏني، جڏهن ته معزز مهمان رجسٽرار اروڙ يونيورسٽي پير سهيل احمد سرهندي چيو ته مون کي نهايت خوشي ٿي آهي ته مان هن درگاهه جو ۽ ٽرسٽ جي هلندڙ پراجيڪٽن جو معائنو ڪيو آهي مان هيترا پراجيڪٽ جي هن علائقي ۾ منظم طريقي سان هلي رهيا آهن ساراهيان ٿو ۽ خواهش ٿو ڏيکاريان ته مان پنهنجون توانايون ۽ ڪوششون ٽرسٽ جي وڌيڪ پروگرامن ۾ استعمال ڪندس ۽ ڪوشش آهي ته هتي ڪجهه پراجيڪٽ جلد شروع ڪجن.

بقايا 21

شير خدا جي ولادت جي سلسلي ۾ شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو پروگرام ۾ خصوصي خطاب مفتي فدا حسين سڪندري علي عليه سلام جي شان ۾ بيان ڪري سبحان الله سبحان الله جا نعرا بلند ڪرائي ڇڏيا، جڏهن ته حافظ نعيم احمد ٽيهو روشن ڏهر، حافظ عبد الرزاق وڏٿوٺو ۽ ٻين نعتون شريف پڙهي ويٺلن جون دليون موهي ورتيون. جڏهن ته اناؤنس جا فرائض سيد منٺار علي سڪندري ادا ڪيا.

بقايا 22

صحافين اڳيان دانهينڌي الزام هڻندي چيو آهي ته 4 ڏينهن اڳ ڪيس ۾ شهر مان ۽ شهر جو رهواسي باثر منشيات فروش حنيف جت ۽ سندس ساٿي شهزاد ملاح ڪيس هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ڪار ۾ مکلي کڻي آيا، جتي سائس زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مَن مزاحمت ڪئي ته مَس تشدد ڪري ڪيس پوليس اسٽيشن مڪلي پرسان بخاري چاڙهي وٽ مڪلي تي ڇڏي ويا، جتان هوءَ مڪلي ٿاڻي تي پهتي پر مڪلي پوليس سندس دانهن تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو جنهن بعد ور شهر پهچي ۽ شهر جي پوليس کي اطلاع ڪيو پر پوليس جوابدارن خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، مسمات رابيعه رونئندي چيو ته سائس وڏو ظلم ڪيو ويو آهي، سائس ٿيل ناانصافي کي 4 ڏينهن گذري چڪا آهن پر سائس انصاف ٿي ناهي سگهيو ويتر سائس ناانصافي ڪندڙ جوابدار حنيف جت ۽ سندس ساٿي شهزاد پاران ڪيس ڌمڪائي خاموش رهڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي، جن مان ڪيس نقصان جو خطرو آهي، جيڪي ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏيئي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، هن چيو ته اهڙي دانهن ايس ايس پي ٺٽو کي به لکت ۾ ڏني اٿم، پر منشيات فروش جوابدار ايترا بااثر آهن. جن خلاف پوليس ڪارروائي ڪرڻ کان به قاصر بڻيل آهي، هن وس وارن کان گهر ڪئي ته سائس انصاف ڪري ڪيس تحفظ مهيا ڪري جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيندس، جنهن جا زميوار منشيات فروش حنيف جت ۽ سندس ساٿي شهزاد ملاح جن هوندا.

بقايا 23

جو حقيقي پليٽ فارم پي ايف يو جي آهي، سانگهڙ ضلعي جي صحافين جي اڳ به مالڪي ڪئي آهي انهن جي حقن ۽ فلاح بهبود لاءِ آواز اٿاريو آهي، هاڻ باقاعده سان سانگهڙ ضلعي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جو يونٽ جو قيام ٿيو آهي جيڪا سانگهڙ ضلعي جي صحافين لاءِ هڪ نعمت آهي اسان سڀني محنتي ۽ حق سچ جي آواز اٿارڻ وارن صحافين جي مالڪي ڪنداسين، اهڙن خيالن جو اظهار پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس سانگهڙ جي ضلعي صدر اميربخش ٻڙدي مختلف آيل تنظيمن سان مبارڪ ڏيڻ وقت ڪيو هن چيو ته اسان بغير ڪنهن سياست ۽ ڌڙابندي جي جيڪي به حقيقي صحافي آهن انهن جي مالڪي ڪنداسين انهن جي حقن ۽ انهن جي فلاح بهبود لاءِ وس آهر ڪوشش ڪنداسين، پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس صحافين جي لاءِ هڪ وڏي ٻڙ جي ڇانوَ وانگي آهي انهن جي ڇانوَ هيٺ هر صحافي بغير ڪنهن نفرت جي آسائش حاصل ڪري سگهن ٿا اهو ڪڏهن نه ته پڇيو ويندو ته هو ڪهڙي اداري يا ڪهڙي گروپ جو آهي هن چيو ته جلد سانگهڙ ضلعي جي مختلف پريس ڪلبن جو دورو ڪري انهن جي مسئلن کي معلوم ڪري حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين جيڪي به پريس ڪلب آهن انهن کي فنڊ ڏيارڻ لاءِ به ڪوشش ڪنداسين ته جيئن ادارا پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي عوام جو سگهارو آواز بڻجن هن چيو ته پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ نه پر پنهنجي صحافي ڀائرن جي مفادن لاءِ قرباني ڏني آهي، مان انهن سڀني دوستن جو احسانمند آهيان جن مون کي هن منصب لاءِ چونڊيو ڪوشش ڪندس ته انهن جي اعتماد تي پورو لهي پنهنجي صحافي دوستن لاءِ ڪجهه ڪري وڃان انشاءالله اهو ڏينهن پري ناهي جو سانگهڙ جو هي يونٽ صحافين لاءِ مثالي هوندو

بقايا 24

ژال نظام الدين بوزدار کي گرفتار ڪري 12 گرام هيروئن هٿ ڪري ورتي. ٻيو جوابدار آچر بوزدار کي 103 گرام چرس ۽ 1 عدد ڊجيٽل ڪانٽي سميت گرفتار ڪيو ويو پوليس گرفتار جوابدار عورت ۽ جوابدار کي هٿ آيل سامان سميت ٿاڻي تي آندو ۽ سندن خلاف قلم نمبر 11/2025 سيڪشن 9 (i) (A) Sr 6 تحت ڪيس داخل ڪيو ويو.

بقايا 25

رات دير سان سجاول پوليس گشت ڪري رهي هئي دسجاول جاتي روڊ تي پتي اسٽاپ وٽ ڏوهي ارادي سان بيٺل ٽن جوابدارن پوليس کي ڏسي فائرنگ شروع ڪري ڇڏي، جنهن تي پوليس جي جوابي فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ ڏوهاري اسماعيل عرف پوڙهو جاکرو کي پوليس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته ٻه جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا پوليس پاران زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيل جوابدار کي علاج لاءِ سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان هڪ عدد ريپيٽر ۽ ڪارتوس برآمد ڪيا ويا آهن، جڏهن ته سندس وڌيڪ ڪرمنل رڪارڊ معلوم ڪيو پيو وڃي پوليس موجب هڪ کي گرفتار ۽ ٻن فرار ٿيندڙ جوابدارن خلاف سجاول پوليس اسٽيشن تي جدا جدا ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 26

فوت ٿيءَ بيهوش ڊرائيور ڪار سميت گرفتار، تفصيل موجب. قومي شاهراهه باروچو باغ اسٽاپ تي بيٺل هڪ نوجوان 19 سالا دلشان پٽ امير بخش کي نواب شاهه کان حيدرآباد ويندڙ ڪار ٽڪر هڻي موقعي تي چيپاٽيجي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪار جو ڊرائيور عجب پٽ عرض محمد مگسي جيڪو نواب شاهه جو رهواسي کي سوگهو ڪري نيوسعيد آباد پوليس حوالي ڪيو جڏهن ته فوتي نوجوان دلشان ابڙو جو لاش تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد آندو ويو جتي سندس والد کي بيهوشيءَ جا دورا پئجي رهيا هئا جنهنکي طبي امداد ڏيئي هوش ۾ آندو ويو پوليس موجب ڊرائيور کي حادثي واري ڪار سميت گرفتار ڪيو ويو آهي ڌڻين جي اچڻ تي ايف آئي آر داخل ڪئي ويندي.

بقايا 27

چڙهائي ڪري هاري اختيار علي ڀير جي گهر جي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪندي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪئي ۽ گهر ۾ پيچ ٻاهه ڪرڻ بعد هاري اختيار علي ڀير کي بنا جواز گم ڪئي وئي آهي، هنن چيو ته پوليس بنا جواز سنڌس جي ڳوٺاڻن سان زيادتيون ڪري رهي آهي، هن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس ايس پي دادو سميت وس وارن کان مطالبو ڪيو ته پوليس جي زيادتين جو نوٽيس وٺي چادر ۽ چوديواري جو تقدس پئمال ڪندڙ اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري بيڏوهي گرفتار ڪيل هاري کي فوري طور آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو

بقايا 28

نئين جهاز يمامه رومانيا کان پاڪستان جي لاءِ پهرين سفر جي دوران ترڪي جي گولچڪ ۽ اڪساز نيول بيس جو دورو ڪيو ۽ ترڪي بحريه جي مشق ماوي وطن 2025 ع ۾ حصو ورتو ان کان اڳ جهاز بندرگاهه آمد تي پاڪستان بحري فوج جي نمائندن جهاز جو استقبال ڪيو پي اين ايس يمامه جي دوري جو مقصد ترڪي سان پاڪستان جي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ ۽ ترڪي سان ڳنڍ وسيع بطرف ۽ دفاعي لاڳاپن کي هٿي ڏيڻ جو عزم آهي.

بقايا 29

. ڪلي ڪچهري ۽ سوين شهرين پاران شريڪ ٿي پنهنجن علائقن جا مسئلا بيان ڪيا ان موقعي تي چيئرمين پاران موقعي تي احڪام جاري ڪيا . چيئرمين چاچا غلام مرتضيٰ جوڻيجو پاران شهرين کي يقين ڏياريو ته مون پاڻ کي تنبوآدم شهر توڙي شهرين لاءِ پاڻ کي وقف ڪري ڇڏيو آهي . هن چيو ته آفيس کان سوائي ذاتي رهائشگاهه تي پڻ عوام سان ملندو آهيان. هن چيو ته تنبوآدم شهر ۾ صفائي سٿرائي ۽ ترقياتي ڪمن جو جار ڇانيو ويو آهي . هن چيو ۽ انشاالله تنبوآدم کي سنڌ جو ماڊل شهر بڻائيندس . هن چيو ته شهرين لاءِ منهنجا دروازا چوويهه ئي ڪلاڪ کليل آهن. هن چيو ته ميونسپل ڪميٽي تنبوآدم جي عملي کي 24 ئي ڪلاڪ هائي الرٽ ڪيو ويو آهي

بقايا 30

سان اُن تي ۽ اُٺ ڳاڏين جي ريلي ڪڍي وئي، جيڪا درگاهه غوثيه دستگير راڻي پور کان پير سيد محمد آصف علي شاهه جيلاني، پير سيد طالب حسين شاهه جيلاني، خالد حسين سولنگي، مولوي فاروق گهانگهرو ۽ ٻين جي اڳوائيءَ ۾ نڪتي، جيڪا شهر جي مختلف رستن کان ٿيندي قومي شاهراهه باب دستگير گيٽ تي پهتي، ريلي ۾ شريڪ نوجوانن پوڙها ٻارڙا نعرا هڻندا ۽ جهومندا رهيا. ريلي کي پير سيد آصف علي شاهه جيلاني ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته حضرت امام علي عليه سلام جن اسلام جي سر بلنديءَ لاءِ پوري زندگي وقف ڪري ڇڏي، اگر اهي پنهنجي جانين جا نذرانا نه ڏين هان ته اڄ شايد اسلام جي سربلندي قائم نه هجي ها. پاڻ ڪڏهن به ظالم جي اڳيان نه جهڪيا هميشه دين اسلام جي سربلنديءَ ۽ ان جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ جهاد ڪيو سندس جي ڏسيل واٽ تي هلڻ سان ئي دين ۽ دنيا ۾ ڪاميابي ملندي.

بقايا 31

شهيد عوام فاضل راهوجو جي 38 ورسي ۽ 20 جنوري تي عظيم مفڪر رسول بخش پليجو جي 95 سالگرهه سڄي سنڌ ۾ ملهائي ويندي. ان سلسلي ۾ سنڌ ۾ تقريبون ڪوٺايون وڃن ٿيون. قومي عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ سميت سمورن محاذن جا مرڪزي اڳواڻ عظيم مفڪر رسول بخش پليجو ۽ شهيد عوام فاضل راهوجو جدوجهد تي لفظن جي ڀيٽا پيش ڪندا. هوڏانهن ٻئي پاسي قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه حيدرآباد : قومي عوامي تحريڪ جي سربراهه اياز لطيف پليجو چيو آهي ته آصف زرداري پنهنجي بادشاهت قائم رکڻ جي عيوض سنڌو درياهه سميت سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪيو آهي ته سنڌ مان جيڪو ڪجهه لُٽيو ويو آهي اهو وڃي ٻين سان جو رڳو اقتدار ڪري ۽ منهنجي جي پٽ بلاول ڀٽو زرداري کي وزير اعظم بڻايو وڃي لطيف پليجي چيو ڏهي جي صرف درياهه ۽ ڌاڙو ناهي، هي ڪينال سنڌ جي وجود ۽ بقا تي سنڌين جي حال ۽ مستقبل تي بدترين حملو آهي. قوم، وطن ۽ وسيلا سدائين اقتدار پارٽين ۽ فردن کان وڌيڪ اهم هوندا آهن پنهنجي قوم سان گڏ بيهو ته بهتر ٿيندو اياز لطيف پليجي چيو ته ڪرپشن ملڪي معيشت جو بيڙو غرق ڪري ڇڏيو آهي. نيب، ايف آئي اي ۽ ٻيا ادارا ڪرپشن کي ڪرپٽ ماڻهن جي ڪنٽرول ۾ آهن. ملڪ ۾ قومون شفافيت سان ترقي ڪن ٿيون. ڪرپٽ وزيرن ۽ ڪامورن کي گرفتار ڪري انهن کي جيل موڪليو وڃي. اياز لطيف پليجي چيو ته ملڪي تاريخ ۾ ڪنهن به ڪرپٽ وزير کي گرفتار ڪري سزا ناهي ڏني وئي، جنهنڪري پٽيوالي جي نوڪري کان وٺي اعليٰ پوسٽن ڪروڙين روپين ۾ وڪرو ٿين ٿيون. جيڪي ڪامورا پئسا ڏئي مقرر ٿين ٿا، اهي عوام جي دولت تي اچي ڌاڙا هڻن ٿا. ڪنهن به آفيس ۾ عوام جو ميرٽ تحت ڪم نٿو ٿئي. ترقياتي ڪمن جا ٺيڪا وڪامن ٿا ۽ پوءِ ناقص ڪم ڪري اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي وڃي ٿو

بقايا 32

جي جنازي نماز سندس اباڻي ڳوٺ ڏاتم خاصخيلي ڪالرو موري ۾ ادا ڪئي وئي جنازي نماز ۾ سياسي , سماجي اڳواڻن , معزز ماڻهن ۽ خاصخيلي برادري سميت آس پاس جي سوين ماڻهن شرڪت ڪئي مرحوم جو ٽڏو ڪالرو موري ۾ وڇايو ويو آهي جتي تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا 33

مبتلا 400 کان مٿي ٻارن کي رت چاڙهڻ لاءِ صحت کاتي سڄاول پاران نجي فلاحي اداري جي تعاون سان سول اسپتال سجاول ۾ هڪ سال اڳ ٿيليسيميا سينٽر قائم ڪيو ويو هو جنهن جو اڳوڻي ڊپٽي ڪمشنر سجاول عبدالواجد شيخ افتتاح پڻ ڪيو هو پر هڪ سال اڳ افتتاح ٿيڻ باوجود ٿيليسيميا سينٽر اڃان تائين ڪم ڪونه ڪيو آهي جنهن سبب ٿيليسيميا ۾ مبتلا ٻارن جا والدين پنهنجن ٻارن کي رت چاڙهڻ لاءِ شديد مهانگائي ۾ ڪراچي حيدرآباد ۽ ٻين جو سفر ڪرڻ تي مجبور آهن ان سلسلي ۾ ٿيليسيميا ۾ مبتلا ٻارن جي والدين جو چوڻ آهي ته اسان پنهنجي ٻارن کي رت چاڙهڻ لاءِ ڳاڏين جا ڳرا ڪرايا ڀري ۽ بدين جو سفر ڪرڻ سهي ڪراچي حيدرآباد ۽ بدين جو سفر ڪرڻ تي مجبور آهيون هنن مطالبو ڪيو آهي ته فوري طور تي سجاول ۾ ٿيليسيميا سينٽر فعال ڪري اسان کي وڌيڪ پريشاني کان نجات ڏياري جي ٻئي پاسي رابطو ڪرڻ تي سول سرجن سجاول ڊاڪٽر دليپ ڪمار ٻڌايو ته سجاول ۾ 400 کان مٿي ٿيليسيميا جا مريض آهن اسان جي ڪوشش آهي ته جلد کان جلد سجاول ۾ ٿيليسيميا سينٽر فعال ڪري هتان جي مقامي ماڻهن کي ٻين شهرن جو سفر ڪرڻ کان بچائجي

بقايا 34

وڏي وزير خط ۾ لکيو ته نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي 105 منصوبن مان سنڌ جي لاءِ صرف 6 منصوبا رکيا ويا آهن خط ۾ هن چيو ته پنجاب جي لاءِ نيشنل هاءِ وي طرفان 33 منصوبا رکيا ويا آهن. وفاقي حڪومت نيشنل هاءِ وي جو 38 سيڪڙو بجيٽ پنجاب تي خرچ ڪندو ڪي پي ڪي لاءِ 17 سيڪڙو ۽ بلوچستان جي لاءِ 23 سيڪڙو فنڊز رکيا ويا آهن نيشنل هاءِ وي اٿارٽي سنڌ جي منصوبي لاءِ بجيٽ ۾ صرف 4 سيڪڙو رکيو ويو آهي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته نيشنل هاءِ وي هلندڙ سال 708 ارب روپين جا منصوبا پنجاب جي لاءِ تجويز ڪيا ۽ 62 ارب بجيٽ ۾ مقرر ڪيا ويا. مراد علي شاهه احتجاج ڪندي چيو ته سنڌ جي لاءِ نيشنل هاءِ وي جا 78 ارب روپين جا منصوبا تجويز ڪيا پر صرف 7 ارب روپيه رکيا ويا آهن.

بقايا 35

صحافين اڳيان دانهينڌي الزام هڻندي چيو آهي ته 4 ڏينهن اڳ ڪيس ۾ شهر مان ۾ شهر جو رهواسي باثر منشيات فروش حنيف جت ۽ سندس ساٿي شهزاد ملاح ڪيس هٿيارن جي زور تي اغوا ڪري ڪار ۾ مڪلي کڻي آيا، جتي سائس زيادتي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مَن مزاحمت ڪئي ته مَس تشدد ڪري ڪيس پوليس اسٽيشن مڪلي پرسان بخاري چاڙهي وٽ مڪلي تي ڇڏي ويا، جتان هوءَ مڪلي ٿاڻي تي پهتي پر مڪلي پوليس سندس دانهن تي ڪوبه ڌيان نه ڏنو جنهن بعد ور شهر پهچي ۽ شهر جي پوليس کي اطلاع ڪيو پر پوليس جوابدارن خلاف ڪا به ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، مسمات رابيعه رونئندي چيو ته سائس وڏو ظلم ڪيو ويو آهي، سائس ٿيل ناانصافي کي 4 ڏينهن گذري چڪا آهن پر سائس انصاف ٿي ناهي سگهيو ويتر سائس ناانصافي ڪندڙ جوابدار حنيف جت ۽ سندس ساٿي شهزاد پاران ڪيس ڌمڪائي خاموش رهڻ تي مجبور ڪيو پيو وڃي، جن مان ڪيس نقصان جو خطرو آهي، جيڪي ڪيس موتمار ڌمڪيون ڏيئي نقصان پهچائڻ چاهين ٿا، هن چيو ته اهڙي دانهن ايس ايس پي ٺٽو کي به لکت ۾ ڏني اٿم، پر منشيات فروش جوابدار ايترا بااثر آهن. جن خلاف پوليس ڪارروائي ڪرڻ کان به قاصر بڻيل آهي، هن وس وارن کان گهر ڪئي ته سائس انصاف ڪري ڪيس تحفظ مهيا ڪري جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ انصاف نه ملڻ جي صورت ۾ پاڻ کي باهه ڏيئي ساڙي ڇڏيندس، جنهن جا زميوار منشيات فروش حنيف جت ۽ سندس ساٿي شهزاد ملاح جن هوندا.

بقايا ----------- 01

ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب، هڪ انٽرويو دوران ڪترينا ڪيف فلم ’ميري برادر ڪي دلهن‘جي سيٽ تي هڪ پيش آيل يادگار واقعي جو ذڪر ڪيو. ڪترينا ٻڌايو ته فلم جي شوٽنگ دوران هڪ خاص سين ۾ عمران کي چماٽ هڻڻي هئي، شروع ۾ هوءِ مايوس ٿي وئي ته پنهنجي ڪردار ۽ سين سان انصاف ناهي ڪري رهي، جنهن تي عمران صلاح ڏني ته منظر کي حقيقي بڻائڻ لاءِ ڪيس اصلي چماٽ هڻان. اداڪار انڪشاف ڪيو ته ان منظر لاءِ ڪيترائي ري ٽيڪ ٿيا ۽ نيٺ هن عمران کي اٽڪل 15 يا 16 چماٽون هنيون. عمران ليلاڻ لڳو ته هاڻي وڌيڪ برداشت نٿو ٿئي، پر تيستائين فلم لاءِ بهترين ۽ يادگار منظر شوٽ ٿي چڪو هو. ياد رهي ته رومانوي ڪاميڊي فلم ’ميري برادر ڪي دلهن‘ 2011 ۾ رليز ٿي هئي، جنهن ۾ عمران خان، ڪترينا ڪيف ۽ علي ظفر مک ڪردار ادا ڪيو هو.

بقايا ----------- 02

ڪندي ڦر ۽ چوري ٿيل 50 موٽرسائيڪلون ۽ سولر پليٽون هٿ ڪري ورتيون آهن. جامشورو پوليس ڳجهو اطلاع ملڻ تي ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو ۽ ايس ايڇ او جامشورو سيد نثار شاهه جي اڳواڻي انچارج ڦاٽڪ علي محمد هاليپوٽو انچارج 15 اياز ابڙو، ايس ايڇ او جامشورو نثار شاهه ڦاٽڪ پوسٽ انچارج علي محمد هاليپوٽو، انچارج آر بي بي ڪالوني ثاقب ٽيپو، اڪرو انچارج شاهنواز راجوجو اي ايس آءِ طارق ڪانيو، وليد مهيسر، عبدالله پيرزادو، جمن برهماڻي، علي گل پنهو ۾ مدينا نگرواري علائقي ۾ هڪ گهر اندر ڇاپو هڻي مختلف هنڌن تان ڦر ۽ چوري ڪيل 50 کان وڌيڪ موٽر سائيڪلون ۽ چوري ٿيل ۽ 1 سولر پليٽون هٿ ڪري ورتيون. ڪارروائي دوران ڪجھ جوابدار پڻ گرفتار ڪرڻ جا اطلاع آهن پر پوليس گرفتارين کان انڪاري آهي. ان موقعي تي ڊي ايس پي شاهنواز جوکيو جو چوڻ آهي ته ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي چوري ۽ ڦر ٿيل لڳ ڀڳ 50 اسڪوٽر هٿ ڪري ورتا آهن. پر ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي. هن چيو ته ان ڌوهارين سرگرمين ۾ هڪ وڏو گروهه ملوث آهي، جاچ ڪري رهيا آهيون. ملوث جوابدارن کي جلد گرفتار ڪري گاڏيون حقيقي مالڪن حوالي ڪيون وينديون. ٻئي طرف ذريعن موجب پوليس ڪارروائي دوران هڪ عورت ۽ مرد کي حراست هيٺ ورتو آهي، جن کي انجاتل هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي. ٻڌايو پيو وڃي ته ڇاپل گهر جمالي برادري جو آهي، جيڪو گهر 3 مهينا اڳ غلام حسين مگسي نالي شخص ڪرايي تي ورتو هو.

بقايا ----------- 03

ٽريفڪ پوليس متحرڪ ٿي وئي ٽريفڪ جام جي مسلسل شڪايتن بعد آپريشن شروع ڪيو ويو آهي شهرجي مختلف علائقن ۾ پارڪ ڪيل گاڏين خلاف عوامي شڪايتن تي ڪار لفٽرجي مدد سان غلط پارڪنگ ٿيل گاڏيون هٽايون ويون اهڙي ريت سکر ٽريفڪ پوليس شهرجي مصروف تجارتي ۽ ڪاروباري مرڪزن ۽ روڊن تي چيڪنگ جو سلسلو جاري رکيو آهي. ڪيترين ئي گاڏين تحويل ۾ وٺي پوليس هيڊڪوارٽرز منتقل ڪيون ويون آهن ۽ سوين گاڏين کي چالان پڻ ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ ٽريفڪ پوليس سکر جي ٽيم موجب ڊرائيونگ لائسنس گاڏين جا دستاويز ۽ ٽريفڪ ضابطن تي عملدرآمد لاءِ ڪيا پيا وڃن

بقايا ----------- 04

ابي طالب رض جي ولادت 13 رجب جي ياد ۾ تقريب منعقد ٿي تقريب ۾ پروفيسر سيد منظور علي شاهه، سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري غلام حيدر سولنگي، سيد قربان علي شاهه، محمد ياسين ڪاڇو، محمد خان ڪيريو، زنوار خادم حسين ڏاهيو، امير علي ڪيريو، غلام نبي شاهه ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي مولوي نثار علي نقوي پنهنجي بيان ۾ چيو ته علي بن ابي طالب رض جن جي زندگي، سنڌن فضيلت، دين اسلام لاءِ ڪيل جدوجهد ۽ قربانين تي تفصيلي ڳالهائيندي چيو ته علي بن ابي طالب رض جي ذات جو ڪردار اسلامي تاريخ ۾ ايڏو ته نمايان آهي جو هو فاتح خيبر سان مشهور ۽ معروف آهي ان کان وڌيڪ ڪهڙو شان هوندو جو سائين جن پاڻ ٻنهين جهانن جي سردار حضور سرور ڪائنات جن جا داماد، سنڌن شريڪ حيات جنت ۾ عورتن جي سردار ۽ سنڌن شهزادا جنت ۾ نوجوانن جا سردار آهن اهو مقام ئي سنڌن الڳ سڃاڻپ رکي ٿو هن وڌيڪ چيو ته اسين جيڪڏهن دنيا ۾ ڪاميابي چاهيون ٿا ته علي ابي طالب رض جي زندگي ڪامياب زندگي آهي اتڪي اپنائڻ گهرجي.

بقايا ----------- 05

تي سنڌ حڪومت جي نوٽيس تي پٽي ڪمشنر جو دورو، 638 خالي جاين جو انڪشاف ٿيو آهي ان سلسلي ۾ سنڌ سرڪار جي حڪم تي ڊپٽي ڪمشنر سکر ايم بي ڌاريجو سول اسپتال جو دورو ڪري مختلف وارڊن جو معائنو ڪيو. دوري دوران ايم ايس اختيار ميراڻي، ايڊيشنل ايم ايس ڊاڪٽر الطاف اعوان ۽ ٻين آفيسرن ايمرجنسي، آرٿوپيڊڪ، او پي ڊي ۽ ٻين وارڊن جو معائنو ڪيو ان دوران سول اسپتال جي انتظاميا کيس آگاهي ڏني ته سول اسپتال ۾ ايس اين اي مطابق مجموعي طور تي 1102 جايون جن مان صرف 464 ڊاڪٽر، پيرا ميڊيڪل، نرسنگ ۽ ٽيڪنيڪل جا عهدا آهن. جڏهن ته گريڊ 1 کان 20 تائين 638 جايو خالي آهن. انهن خالي جاين ۾ گريڊ 16 کان 20 تائين 191 ڊاڪٽر ۽ نرسنگ اسٽاف شامل آهن. انتظاميا جو چوڻ آهي ته صحت کاتي کي اڳ ئي جاڻ ڏني وئي آهي ته ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي کوٽ سبب موجوده عملي تي سخت دٻاءُ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن ڊپٽي ڪمشنر هدايت ڪئي ته سرجن ۽ ٻيا ڊاڪٽر پنهنجا فرض بهتر نموني سرانجام ڏين ته جيئن مريضن کي تڪليف کان بچائي سگهجي. هن اهو پڻ چيو ته رات جي ڊيوٽي تي مقرر اسٽاف ۽ آفيسر وقت جي پابندي ڪن ٻي صورت ۾ ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي، هن چيو ته اڳ کان منظور ٿيل جاين جي مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ فنانس ڊپارٽمينٽ سان فوري طور ڳالهايو ويندو جيئن عملي جي کوٽ کي پورو ڪري سگهجي دوري دوران ايم آر آءِ، سي ٽي اسڪين ۽ ميموگرافي جي ايڪسري مشينن جي خرابين جا مسئلا سامهون آيا جن جي فوري مرمت ۽ فعال ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ صحت کاتي کي درخواست ڪئي وئي آهي. ٻي پاسي ذريعن دعويٰ ڪئي آهي ته ڊپٽي ڪمشنر جي دوري کان اڳ سول اسپتال انتظاميا جي سامهون عملي اسٽاف جي کوٽ کي فوري طور تي پورو ڪرڻ لاءِ زور ڀريو ۽ چيو ته ڇا توهان چاهيو ٿا ته اسٽاف يا ڊاڪٽر جيڪي ذهني دٻاءُ ۾ ڪم ڪري رهيا آهن اهي چريا ٿي بستري تي ليٽين ته پوءِ ئي اهي خالي آساميون ڀرجي وينديون جنهن جي جواب ۾ انتظاميا ڪين خاطري ڪرائي ته هڪ ڀيرو ٻيهر صحت کاتي جي ذميوارن سان ڳالهايو ويندو

بقايا ----------- 06

عالم شيخ لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، ڪاروباري برادري سميت صحافين جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي محمد عالم شيخ سکر جي سينيئر صحافي عبيدالله شيخ جو ڀڦڙ هو گذريل ڏينهن بيماري سبب سندس لاڏاڻي تي سکر ۽ روهڙي جي صحافي برادري، سياسي، سماجي، ڪاروباري ۽ مختلف تنظيمن ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن مرحوم جي وارثن سميت عبيدالله شيخ سان گهري ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي مرحوم جي مغفرت لاءِ دعا آهي.

بقايا ----------- 07

، مهانگائي، بيروزگاري جي خاتمي ۾ واپاري برادري حڪومت جو هٿ ونڊائي رهي آهي، پر افسوس جو مقام آهي ته حڪومت پاران واپاري برادري کي سهولتون ۽ مراعاتون ڏيڻ جي بجاءِ انهن تي ئي بغير مشاورت جي نوان نوان ٽئڪس مڙهي صنعت ۽ تجارت ڪاروبار کي تباهي جي ڪناري تي پهچائي ڇڏيو آهي، بجلي گئس پيٽرول جي اگهن ۾ اضافي، لوڊشيڊنگ جي عذاب واپارين ۽ شهرين جي زندگي عذاب بڻائي ڇڏي آهي، حڪومت ملڪ کي بحرانن مان ڪڍڻ لاءِ سنجيده ٿي ڪري واپارين جي مشاورت سان آسان ٽئڪس نظام متعارف ڪرائي ۽ واپاري برادري کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن صنعت ۽ تجارت ڪاروبار کي فروغ ملي ۽ ملڪ ترقي جون منزلون طئي ڪري سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن لياقت علي، فرحان علي جي نئين دڪان جاويد جيولرز جي افتتاح جي موقعي تي واپارين سان خطاب جي دوران ڪيو. ان کان اڳ حاجي محمد جاويد ميمڻ، حاجي غلام شبير پٽو ۽ ٻين ربن ڪٽي دڪان جو افتتاح ڪيو ۽ ڪاروبار ۾ خير ۽ برڪت جي لاءِ دعا پڻ گهري. واپارين سان ڳالهه ٻولهه ڪندي حاجي محمد جاويد ميمڻ حاجي غلام شبير پٽو جو وڌيڪ چوڻ هو ته صراف ايسوسي ايشن سکر جا ميمبر اسان جا بازو آهن.

بقايا ----------- 08

نُرو هٿ ڪرڻ جي دعوا، ايف آئي آر داخل، تفصيل موجب، ايس ايس پي متياري فيصل بشير ميمڻ جي هدايتن تي ڊي ايس پي نيو سعيدآباد منظور لڪي جي اڳواڻيءَ ۾ ايس ايڇ او ڪرم علي عمراڻي پوليس اٽالن سان بلاول ڪوسو لنڪ روڊ وٽ ڪامياب ڪارروائي ڪندي منشيات وڪرو ڪندڙ اياز پٽ رسول بخش ڪوسو کي گرفتار ڪري هن جي قبضي مان 20 ليٽر ڪچي شراب نُرو هٿ ڪري سرڪار جي فرياد تي نيوسعيدآباد پوليس اسٽيشن تي منشيات ايڪٽ تحت ايف آئي آر داخل ڪري ورتي آهي.

بقايا ----------- 09

ڊانچو پرائمري استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏيڻ سان بهتر ٿيندو. حڪومت مسلسل جائز مسئلن جي حل بجاءِ رڪاوٽون وجهي هزارين پرائمري استادن سان بي ڊونگو مذاق ڪيو پيو وڃي. پرائمري استادن جا مسئلا حل نه ٿيندا ته دما دم مست قلندر ٿيندو. اهڙيون ڳالهيون پ ٽ الف جي اڳواڻي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو پ ٽ الف لاڙڪاڻو جي اڳواڻن غلام الله سانگي، افسر علي قريشي ۽ ٻين سان هڪ ميڙ ۾ ڪندي ڪيون. هن سنڌ جي سمورن استادن کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي جائز مطالبن سنڌ اندر اسڪولن ۾ سهولتن جي کوٽ . سنڌ جي استادن سان ظلم، زيادتين خلاف تاريخ 10 فيبروري ڪراچي پريس ڪلب تي گڏ ٿي وڏ کان وڏ احتجاجي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪن. سنڌ جي استادن جا جائز مطالبا ڪافي سالن کان نٿا مڃيا وڃن گذريل 17 سالن کان وٺي سنڌ جي ماڻهن پ پ پ کي ووٽ ڏئي اقتدار ۾ آندو آهي پر ان جي بدلي خوشحال سنڌ جا استاد بدحالي جو شڪار آهن. وزير تعليم سنڌ ، سيڪريٽري تعليم سنڌ استادن جي اڳواڻن سان ڪافي دفعا ڳڏجاڻيون ڪري اعلان ڪيا ته هڪ مهيني اندر سنڌ جي استادن کي سروس اسٽرڪچر ، مقرري واري تاريخ کان پڪو ڪرائڻ جو نوٽيفيڪيشن جاري ڪرايو ويندو. صوبائي وزير تعليم ۽ سيڪريٽري تعليم جي حڪم تي استادن سان ويهي مذڪوره سمريون سٺي نموني تياري ڪيون ويون جيڪي ڪافي مهينا گذرڻ جي باوجود صوبائي وزير تعليم جي وعدي باوجود سمريون مختلف کاتن ۾ دربدر آهن هميشه جيان هنن سمرين تي فنانس کاتو اڳ ئي اعتراض واري سمري واپس ڪري پيو جيڪو ناستادن سان ڌوڪو آهي، اسان کي ذريعن کان ڄاڻ ملي آهي ته بيورو ڪريسي سنڌ جي تعليم کي گذريل 17 سالن کان هٿ وٺي تجربا ڪري تباهه ڪيو آهي، جنهن ۾ ڪيمپس، ڪلسٽر، حب اسڪول قائم ڪرڻ ، پرائمري اسڪولن ۾ هاڻي ڪو به باقاعده امتحان وغيره نه ٺيڪ سپروائيزري سسٽم کي ختم ڪرڻ پڻ شامل آهي، ڪاري نانگ آر ايس يو کي قائم ڪري ان کي ڪروڙين روپيا فنڊ جاري ٿيندا رهندا آهن. جڏهن ته تعليم جي سڌاري لاءِ ان اداري جو ڪردار سڀني آڏو آهي ته ان جي ڪارڪردگي زيرو آهي پوءِ به ان کي ڪروڙين روپين جي بجيٽ ملندي رهي ٿي. ان جي مٿان وري اسٽيڊا (سنڌ ٽيچر ڊولپمينٽ اٿارٽي) جو ادارو قائم ڪري هڪ ريٽائرڊ آفيسر کي اتي مقرر ڪري قومي خزاني جو زيان ڪيو پيو وڃي ٻين صوبن ۾ ٽيچنگ جو بي ايڊ ، ايم ايڊ لائسنس هوندو آهي پر سنڌ ۾ الڳ ادارو ناهي ان جو تجربو پڻ استادن جي مٿان ٿي رهيو آهي. سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن جو سنڌ جي تعليم جي سڌاري لاءِ ڪو به خاطر خواهه رول (عمل) ناهي البته ان کي صرف نوازڻ لاءِ اربين روپيا فنڊ جاري ڪيا ٿا وڃن. جيڪڏهن اها رقم سنڌ جي اسڪولن تي خرچ ٿئي ته سنڌ جي اسڪولن جي حالت ڪافي بهتر ٿي ويندي.

بقايا ----------- 10

ڪئمپ لڳرايو ويو جتي اکين جي ماهر ڊاڪٽرن ٻهچي علائقي جي غريب ۽ مسڪين مريضن جو معائنو ڪيو ۽ تقريبن 200 جي لڳ ڀڳ مريضن جو معائنو ڪري انهن جو مفت علاج سان گڏ آپريشن به ڪيو ويو ۽ دوائون ڏنيون ويون. ٻهرين ڏينهن تي متياري جي ضلعي چيئرمين مخدوم احمد الزمان پاران پٽ شاهه ٻهچي اکين جي لڳرايل 2 روزا مفت ميڊيڪل ڪئمپ جو دورو ڪيو ويو ۽ ڊاڪٽرن جي ٽيم سميت غريب ۽ مسڪين مريضن سان ملاقات ڪئي وئي ، اکين جي بيماري ۾ مبتلا مردن سميت عورت مريض به وڏي انگ ۾ ڪئمپ تي پهتا ۽ پنهنجي اکين جو علاج ڪرايو. ان موقعي تي ضلعي چيئرمين مخدوم احمد الزمان جو چوڻ هو ته پٽ شاهه جي نگري ۾ اکين جي مفت علاج لاءِ ڪئمپ ۾ ماهر ڊاڪٽر موجود آهن جيڪي نه صرف اکين جو چڪاس پر آپريشن به ڪن ٿا. اسان جو مقصد غريب ۽ بي ٻهچ مريضن لاءِ اکين جو علاج ڪرڻ آهي ۽ انهن کي مفت دوائون فراهم ڪرڻ آهي، ڪافي تعداد ۾ مريض ڪئمپ تي پهتا آهن ۽ اميد آهي ته ٻي ڏينهن تي به وڏي انگ ۾ مرد ۽ عورت ڪئمپ تي هن مفت علاج مان فائدو حاصل ڪندا ۽ اهڙي طريقي سان ٻين شهرن ۾ به اکين جي علاج لاءِ ڪئمپ قائم ڪيا ويندا.

بقايا ----------- 11

پورهيت حسين بخش بالادي ڪراچي جي لالو کيت واري علائقي ۾ مزدا جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو ان سلسلي ۾ سندس پٽ هاشم بالادي ٻڌايو ته منهجو والد ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو هو لالو کيت ۾ موٽرسائيڪل تي وڃي رهيو هو ته تيز رفتار مزدا ڪيس زوردار ٽڪر هنيو جتي هو فوت ٿي ويو جڏهن ته مزدا ڊرائيور موقعي تان فرار ٿي ويو هن ٻڌايو سندس ميت کي اباڻي ڳوٺ الهڏتو بالادي آندو ويندو جتي ڪيس جنازي نماز بعد مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

بقايا ----------- 12

، عبدالحئي پليجو، سيف سميجو، نذير عيسائي ۽ ٻيا شريڪ. اڳواڻن جو خطاب. تفصيل موجب سنڌ دڙو ۾ ڊاڪٽر رجب ميمڻ يادگار ڪميٽي ۽ ڀٽائي آرٽس ڪائونسل سنڌ طرفان ليڪچر سيريز 2 تقريب عيسائي چانوري ۾ ٿي گذري، جنهن ۾ مهمان خاص آمريڪا مان آيل عالمي سنڌي تنظيم "سانا" جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ ۽ سنڌ جي اديبن، دانشورن، ليکڪن، شاعرن جامي چانڊيو، ڊاڪٽر ايوب شيخ، علي خاصخيلي، عبدالحئي پليجو، سيف سميجو رفيق عيسائي، پرويز علي محمد ميمڻ، نذير عيسائي ۽ آسپاس کان آيل سڄاڻ حلقن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، ان موقعي تي ليڪچر پروگرام کي آمريڪا مان آيل سانا جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ خطاب ڪندي چيو ته مذهبي انتها پسندي سنڌ جي روح کي ايذائي رهي آهي، سنڌ مان درياءُ ۽ رواداري ختم ٿي وئي ته نه سنڌ رهندي ۽ نه سنڌي رهندا. اسان رڳو ڪتابن ۽ حوالن ۾ نظر ايندا سين. هنن چيو ته مذهبي انتهاپسندي ۽ سنڌو درياءُ جو ختم ٿيڻ اسان جي وجود لاءِ خطرناڪ آهن. سانا پنهنجي ڌرتي ۽ سنڌ جي ماڻهن کي ائين مرڻ ڪون ڏيندي پنهنجي وجود کي بچائڻ لاءِ سنڌ توڙي ۾ دنيا ڀرپور نموني آواز اٿاريندي رهندي، هنن چيو ته پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن کي بچائڻ لاءِ سڀني کي گڏجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. تقريب کي سنڌ جي دانشور جامي چانڊيو، ڊاڪٽر ايوب شيخ، علي خاصخيلي، عبدالحئي پليجو، سيف سميجو، رفيق عيسائي، پرويز علي محمد ميمڻ، نذير عيسائي ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي ماڻهن مان احساس، مزاحمت ۽ رواداري ختم ٿيندي پئي وڃي، سنڌ جي ماڻهن اک نه پٽي ته حالتون انتهائي سنگين ٿينديون. سنڌ جي زميندارن ۽ جاگيردارن کي پڻ درياءَ واري مسئلي تي فرنٽ لائين تي بيهڻو پوندو. هنن وڌيڪ چيو ته ڪئنال واري منصوبي کي ختم ڪرڻ لاءِ وفاقي ۽ سنڌ حڪومت کي بنا دير اعلان ڪرڻ گهرجي نه ته اهي منصوبا پاڪستان جي پڙي کي ٽوڙي ڇڏيندا.

بقايا ----------- 13

ايف آئي آر داخل ڪري ورتي آهي

بقايا ----------- 14

اها هجڻ گهرجي ته ڪنهن طرح انسان ذات جي خدمت ڪئي وڃي، روڊ سيفٽي جهڙو منفرد خيال انسان ذات جي خدمت سان واقف ذهني ۾ اچي ٿو ٽريفڪ قوانين جي پاسداري لاءِ اسان سڀني کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. ڪراچي ۾ ڪنزيومر ايسوسيئيشن آف پاڪستان جي انتظام هيٺ ڪنزيومر روڊ سيفٽي ايوارڊ جي تقريب ۾ مهمان خاص طور خطاب ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ، شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪنزيومر روڊ سيفٽي ايوارڊ جي ڪامياب تقريب تي سڀني منتظمين کي مبارڪباد ڏيان ٿو هي تنظيم هڪ تمام شاندار ڪم ڪري رهي آهي، جنهن جو مقصد انسانن جي زندگيون بچائڻ آهي. هن چيو ته اسان کي ٽريفڪ قوانين جو احترام ڪرڻ جي ضرورت آهي، ٻارن کي ٽريفڪ قوانين بابت پڙهائڻ گهرجي، عوام کي آگاهي جي به ضرورت آهي. چند لمحن جي جلدبازي جي سبب ماڻهو پنهنجي زندگي خراب ڪن ٿا ۽ ٻين لاءِ به پريشاني جو سبب بڻجن ٿا. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته جيڪڏهن ننڍا ٻار گاڏي هلائيندا آهن ته اها انهن جي والدين جي لاپرواهي ۽ غلطي آهي. ٽريفڪ قانونن جي بابت آگاهي لاءِ ميڊيا ڪردار ادا ڪري. صرف ٽريفڪ قاعدن جي پڪڙڻ نه ٿيندي آهي پر ٻيا به ڪيترائي منفي نتيجن جو منهن ڏسڻو پوي ٿو هن چيو ته ماضي ۾ اسان ڏٺو ته ڪراچي ۾ ٽريفڪ پوليس اهلڪارن کي نشانو بڻائي ڪري ان کي ٽارگيٽ ڪلنگ ڪئي وئي، پر انهن اڃا تائين همت ناهي هاري، ٽريفڪ پوليس جا جوان ڪڙي اُس ۽ شديد گرمي جيتوڻيڪ ٿڌ چوڻ هجي اهي ڪيترائي ڪلاڪ بيهي ڪري ڪم ڪندا آهن، جيڪڏهن ٽريفڪ پوليس توهان کي روڪيندي آهي ته اهي توهان جي حفاظت لاءِ روڪيندا آهن. ٽريفڪ جا سپاهي اسان جا قومي هيرو آهن. هن چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف علي زرداري ۽ وڏي وزير جون واضح هدايتون آهن ته ماس ٽرانزٽ کي وڌايو وڃي، ماحولياتي آلودگي به اسان لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي، سنڌ حڪومت عوام لاءِ ماحول دوست اي وي ٽيڪسي سروس شروع ڪرڻ وڃي رهي آهي جنهن سان ماحول ۽ ملڪ ٻنهي کي فائدو پهچندو ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿيندا.

بقايا ----------- 15

بابت شاندار ڪانفرنس ٿي ۽ عورتن جي تعليم بابت وڏا چيلنجز پيش آهن. هن چيو ته اسلامي ملڪن جي تنظيم او آءِ سي ۽ مسلم ورلڊ ليگ جي سيڪريٽري جنرل جو پاڪستان اچڻ خوشي جوڳو آهي تعلي جو شعبو معاشري ۾ اهم حيثيت رکي ٿو قومي ايئر لائن بابت ڳالهيون ڪندي شهباز شريف چيو ته يورپ جي لاءِ پي آءِ اي اڏامن جي بحالي تي ڪابينه کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿو ۽ يورپ جي لاءِ پي آءِ اي جي بحالي وڏي ڪاميابي آهي. اميد ڪريون ٿا ته پي آءِ اي جون اڏامون جلد لنڊن به وينديون. وزيراعظم چيو ته ڪرم ۾ حالتون بهتري طرف وڃي رهيون آهن ڪرم ۾ بنڪرز کي به ڪيرايو پيو وڃي اميد آهي ته اسٽيڪ هولڊرز گڏجي ڪرم ۾ امن برقرار رکندا. جڏهن ته ڪرم ۾ عام ماڻهن جون شيون ۽ دوائون به پهچايون ويون آهن. وزيراعظم چيو ته ملڪ جي دفاع لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون تعريف جوڳيون آهن. پاڪ فوج جي قربانين جي سموري قوم کي خبر آهي. هن چيو ته توانائي جي شعبي ۾ عوام کي رليف ڏيڻ جي لاءِ قدم کڻي رهيا آهيون.

بقايا ----------- 16

ڪري ويو، محمد حسن باجاري لاڏاڻي تي وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه پاران ڏک جو اظهار خبرموجب اڳوڻي وڏي وزير مرحوم سيد عبدالله شاهه جو ويجهو ساٿي ۽ سنڌ جي وڏي وزير جي سينيئر پرائيويٽ سيڪريٽري محمد سليم باجاري جو والد محمد حسن باجاري ڪجھ وقت بيمار رهڻ بعد حيدرآباد جي نجي اسپتال ۾ لاڏاڻو ڪري ويو آهي جنهن جي جنازي نماز سڀاڻي باجارا ۾ ادا ڪئي ويندي جڏهن ته محمد حسن باجاري جي وفات تي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ڏک جو اظهار ڪيو هن چيو ته مرحوم محمد حسن باجاري منهنجي والد جو ويجهو ساٿي هيو سندس خدمتون هميشه ياد ڪيون وينديون مرحوم محمد حسن باجاري جو تڏو باجارا ۾ وڇايو ويو آهي جڏهن ته تعلقي سيوهڻ ۾ ڏک وارو ماحول ڇانئجي ويو آهي.

بقايا ----------- 17

تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد آندو ويو پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي. اسانجي ڀاءُ کي بلوچستان جي رند برادريءَ جي ماڻهن ڪارنهن جي ڪوڙي الزام ۾ قتل ڪيو آهي ڀاءُ نبي بخش رند جو ميڊيا سان اظهار. ايف آئي آر داخل نه ٿي. تفصيل موجب نيوسعيدآباد ويجهو ڳوٺ عبدالواحد ٻرڙا ۾ نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن حسين بخش پٽ وزير رند ويٺل ڳوٺ عالم خان رند عمر 60 سالا جيڪو پنجن ٻارڙن جو پيءُ هو ۽ عارف ڪتياڻ جي پنيءَ تي هاريو ڪندو هو کي ڳوٺ عالم خان رند کان هاريي واري زمين تي ويندي گوليون هڻي قتل ڪري فرار ٿي ويا، واقعي بعد سوين ڳوٺاڻا پهچي ويا ۽ اهڙو اطلاع نيوسعيدآباد پوليس کي ڏنو جنهن تي ڊي ايس پي منظورحسين لڪي واقعي واري هنڌ پهچي لاش کڻائي تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد پهچايو جتي رند برادريءَ سميت علائقي واسي پهچي ويا، پوليس لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش فوتي جي پٽ صادق رند جي حوالي ڪيو جيڪو ڳوٺ عالم خان رند کڻائي ويو. ٻئي طرف تعلقا اسپتال نيوسعيدآباد ۾ موجود قتل ٿيل حسين بخش رند جي ڀاءُ نبي بخش رند ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٻه سال اڳ بلوچستان جي رهائشي رند برادريءَ جي علي شير رند، لال خان رند، درمحمد عرف درو منهنجي ڀاءُ مٿان ڪوڙو ڪارنهن جو الزام هڻي هڪ عورت کي قتل ڪري ڇڏيو هئو. جنهن بعد اسان کي ڌمڪيون ڏئي 5 کان 10 لک گهري رهيا هئا نه ڏيڻ تي خطرناڪ نتيجن جون ڌمڪيون پڻ ڏيندا رهيا هئا. جن اڄ حملو ڪري منهنجي ڀاءُ کي قتل ڪيو آهي. ٻئي طرف رابطي تي ڊي ايس پي منظورحسين لڪي فون تي ٻڌايو ته اسان هن قتل جي مختلف رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون فوتي جا ڏٽي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد لاش ڳوٺ کڻائي ويا آهن اهي جيئن ايندا ته انهن جي چوڻ موجب ايف آئي آر داخل ڪئي ويندي، جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جي ايف آئي آر داخل نه ٿي هئي.

بقايا ----------- 18

سڄي دنيا جيان حيدرآباد جي چئني تعلقن شهر، لطيف آباد، قاسم آباد ۽ تعلقي ڀهراڙيءَ ۾ به "جشن مولودِ ڪعبه" جي شاندار، پروقار ۽ پرنور محفلن وارو سلسلو گذريل رات کان جاري آهي اڄ 13 رجب المرجب تي ٽنڊو ولي محمد مان چادر مبارڪ وارو قدمي جلوس پڻ نماز ظهرين کان پوءِ برآمد ٿي چڪو آهي عزادار رابطا ڪميٽي حيدرآباد جي سرپرست زوار عبدالستار درس جي جاري ڪيل پڌرائيءَ موجب اڄ 13 رجب المرجب تي حدرآباد شهر، لطف آباد، قاسم آباد ۽ تعلقي ڀهراڙي جي سمورين امام بارگاهن، پڙن ۽ پاڙن ۾ جشن مولودِ ڪعبه جي محفلن، جشنن ۽ ريلين وارو سلسلو وڏي زور شور سان جاري آهي جنهن ۾ نذر نياز جو پڻ وڏي پئماني تي اهتمام ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ بيبي معصومہ سنڌ جي روضي مبارڪ اڱهر ڪوٽ ۾ 3 ڏينهن کان جاري جشن ۽ محافل وارين تقريبن جون اڄ اختتامي تقريبون جاري آهن جن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان هزارين عقيدتمند شريڪ آهن جڏهن ته حيدرآباد شهر ۾ اڄ نمازِ ظهرين کان پوءِ محفل شا نجف ٽنڊو ولي محمد مان جشنِ مولودِ ڪعبہ جي سلسلي ۾ چادر مبارڪ وارو مرڪزي جلوس پڻ برآمد ٿي چڪو آهي جيڪو شهر جي مختلف علائقن مان گشت ڪندو رات جي آخري پهر قدم گا مولا علي ع تي پهچي اختتام پذير ٿيندو جشن مولودِ ڪعبه واري سلسلي ۾ گذريل ٻن ڏينهن کان شهر جي اڪثر علائقن ۽ سمورين امام بارگاهن تي شاندار ۽ خوبصورت چراغان پڻ ڪيو ويو آهي.

بقايا ----------- 19

پسند پارٽي(ايس ٽي پي) جي سڏ تي ضلعي اڳواڻن ڪامريڊ اشرف ٿهيم، جمن سنڌي، ممتاز علي لغاري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري مگرپين چوڪ تي ڌرڻو هڻي منشيات بند ڪريو انساني زندگيون بچايو جا نعرا هنيا ويا. انهيءَ موقعي تي احتجاجي مظاهري ۽ ڌرڻي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته جاتي تعلقي سميت جاتي شهر منشيات جو گڙهه بڻجي ويو آهي، موتمار زهريلي ڪچي شراب، هيروئن، آئيس ۽ ٻين سماجي برائين جي سوين نوجوان زندگيون وقت اڳ موت جي ننڊ سمهي ويا ۽ منشيات جي واپرائڻ سبب سوين ماڻهو موتمار بيمارين سبب زندگي جي جنگ وڙهي رهيا آهن. اڳواڻن چيو ته پوليس جي سرپرستي ۾ روزانو ڪروڙين رپين جي منشيات جو وڪرو ٿئي ٿو جيڪا اسانجي معاشري لاءِ خطري جي گهنٽي آهي هنن ايس ايس پي سجاول کان مطالبو ڪيو ته جاتي شهر ۽ تعلقي مان منشيات بند ڪرائي انساني زندگيون بچايون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي.

بقايا ----------- 20

بينظيرآباد ۾ ورلڊ بئنڪ جي تعاون سان ترقياتي منصوبن جي حوالي سان هڪ اجلاس اڄ ڊي سي آفيس نواب شاهه جي دربار هال ۾ ٿي گذريو اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ، مئير قاضي محمد رشيد ڀٽي، ميونسپل ڪمشنر عبدالرزاق شيخ، ايس اي پبلڪ هيلٿ احسان علي شاهه ايڪسين بلڊنگ علمدين ڏاهري، ايڪسين هائي ويز وحيد علي جمالي، ايڪسين پبلڪ هيلٿ انجنيئر مظفر حسين زرداري سميت ايجوڪيشن ورڪس سروسز، بلڊنگس، هائي ويز جي عملدارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ترجمان سنڌ حڪومت ۽ مئير سکر ارسلان اسلام شيخ چيو ته ورلڊ بئنڪ جي ترقياتي پورٽ فوليو جي تحت ضلع شهيد بينظيرآباد جي نواب شاهه شهر جي خوبصورتي سميت واٽر سپلائي ۽ ڊرينيج اسڪيمن جي حوالي سان ورلڊ بئنڪ جي ٽيم ڪجھ ڏينهن اندر شهيد بينظيرآباد جو دورو ڪندي هن لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي چيو ته هو ضلعي انتظاميہ ۽ اسٽيڪ هولڊرن جي گڏيل سهڪار سان پنهنجي پنهنجي کاتي پاران شهيد بينظيرآباد ۾ واٽر سپلائي، ڊرينيج ۽ شهر جي خوبصورتي لاءِ هڪ جامع پلان تيار ڪن ته جيئن ورلڊ بئنڪ جي وفد کي بهتر نموني آگاهي فراهم ڪري سگهجي هن وڌيڪ چيو ته پبلڪ پرائيوٽ پارٽنرشپ تحت ضلع جي 60 پرائمري ۽ سيڪنڊري اسڪولن جي لسٽ پڻ ان ۾ شامل ڪئي وڃي جنهن ۾ اسپورٽس، ڪمپيوٽر ليب سميت ٻيون سهولتون فراهم ڪيون وينديون ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهريار گل ميمڻ چيو ته نواب شاهه شهر ۾ واٽر سپلائي ۽ ڊرينيج جو وڏو مسئلو آهي انهي سلسلي ۾ ضلع انتظاميہ پاران لاڳاپيل کاتن جي مدد سان واٽر سپلائي جي خراب لائينن کي تبديل ڪرڻ ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ ورلڊ بئنڪ جي گائيڊ لائين تحت پلان جوڙيو ويو آهي هن وڌيڪ چيو ته ضلع انتظاميہ پاران شهر کي خوبصورت ۽ مثالي بنائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن هن وڌيڪ چيو ته ضلع انتظاميہ پاران گجرا واهه جي هڪ پاسي شهرين جي تفريح لاءِ بهتر پارڪ، ٻارن لاءِ جهولا، واڪنگ ٽريڪ، ٽاڪ شاپ، اسٽريٽ فوڊ جا اسٽال لڳايا ويا آهن جڏهن ته ٻهرين مرحلي ۾ شهر جي خوبصورتي لاءِ شگر مل اسٽاپ کان 3 واٽر تائين روڊ جي ٻنهي پاسن تان حددخليون هٽائي گرينري تحت ٻوٽا لڳايا ويندا هن وڌيڪ چيو ته ورلڊ بئنڪ جي پروجيڪٽ تحت شهر ۾ ٽريفڪ سگنل، گجرا واهه جي ساڄي پاسي شهرين جي تفريح لاءِ پارڪ، اسٽريٽ لائيٽس جي بحالي ۽ شهر جي خاص چوراهن جي چونڊ لاءِ پي سي تيار ڪئي وئي آهي ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي مئير ميونسپل ڪارپوريشن شهيد بينظيرآباد قاضي محمد رشيد ڀٽي چيو ته ميونسپل ڪارپوريشن شهر جي خوبصورتي ۽ شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي هن وڌيڪ چيو ته ورلڊ بئنڪ پاران شهيد بينظيرآباد لاءِ واٽر سپلائي، ڊرينيج جي بحالي ۽ شهر جي خوبصورتي لاءِ کنيل قدمن سان شهيد بينظيرآباد جي شهرين کي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. اجلاس ۾ پبلڪ هيلٿ، ايجوڪيشن ورڪس اينڊ سروسز ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي عملدارن پاران واٽر سپلائي، شهر جي خوبصورتي ۽ ڊرينيج اسڪيم جي حوالي سان آگاهي ڏني.

بقايا ----------- 21

واش روم ۾ ڦاهو کاهي خودڪشي ڪري ڇڏي، ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او شاهه لطيف ارشد اعوان "پاڪ اخبار" کي ٻڌايو ته نينگر صُفيان جي پيءُ احمد بادشاهه ٻڌايو ته اسڪول مان نينگر واپس اچڻ بعد واش روم ويو جتي ان پاران دير ڪرڻ تي سندس ماءُ واش روم جو دروازو کڙڪايو نينگر جي نه نڪرڻ تي دروازو ٽوڙي اندر داخل ٿياسين ته نينگر جو ڳچي ۾ اڳٺ پيل لاش مليو پوليس موجب نينگر جي خودڪشي جي ڪارڻ جي مختلف رخن کان جاچ ڪري رهيا آهيون. پوليس ضروري ڪارروائي بعد نينگر جو لاش پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو.

بقايا ----------- 22

ڪميٽي ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ سيد اياز علي شاهه شيرازي جي شڪايت تي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي اسلام آباد جي عملدارن سيد اياز علي شاهه شيرازي سان گڏ نئي ڪان ڪينجهر تائين مرمت ٿيل روڊ جي ڪم جو جائزو وٺي مختلف جڳهن تان روڊ جا سيمپل ورتا ويا. ان موقعي تي سيد اياز علي شاهه شيرازي عملدارن تي زور ڀريو ته هو نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي معيار مطابق ڪم ڪري جن جڳهن تي صحيح ڪم ٿيل نه آهي، انکي فورن صحيح طريقي سان ڪيو وڃي، ڇاڪاڻ ته هن وقت روڊ تي ٽرئفڪ جو اضافي لوڊ هئڻ سبب حادثا روز جو معمول بڻيل آهن. ڳڏجاڻي دوران عملدارن ٻڌايو ته ڳاڙهو کان ڪيٽي بندر روڊ جو ڪم پڻ شروع ڪيو ويو آهي. جڏهن ته نئين بارڻ جي نئين پل جو ڪم پڻ جون 2025 تائين شروع ٿي ويندو. ان موقعي تي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي ايم اسلام آباد، جي ايم سنڌ سميت نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جا ڊائريڪٽر پڻ موجود هئا.

بقايا ----------- 23

هن سال به جشن آمد مولا علي عليہ السلام جي ڪعبتہ الله ۾ ولادت باسعادت جي مناسبت سان قاضي احمد کان دولتپور تائين هڪ عظيم و عاليشان تاريخي ريلي شيعه اڳواڻ زوار سردار جام فيروز علي اتڙ مولانا اميرحسين ساجدي ڪاروان دعا زهراءِ سلام الله عليها سالار زوار ارشاد علي جعفري جي اڳواڻي ۾ ڪڍي وئي ريلي جو مومنن نواب ولي محمد، دولتپور، هبيري ۽ ٻين هنڌن تي شاندار استقبال گلن جي ورکا سان ڪيو ويو ريلي قاضي احمد جي مختلف رستن کان ٿيندي دولتپور کان هبيري کان قاضي احمد پهتي جڏهن ته ريلي ۾ سنڌ جي تمام شهرن توڙي ڳوٺن مان سوين مومن شريڪ ٿيا موٽرسائيڪلون ڪارون ۽ ٻين گاڏيون شامل هيون

بقايا ----------- 24

ٽرين جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان فوت، لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، خبرموجب گهوٽڪي ريلوي ٽريڪ جي ڪراسنگ دوران ٽرين جو ٽڪر لڳڻ سبب نوجوان تڏي تي ئي فوت ٿي ويو واقعي بعد مقامي ماڻهن نوجوان جو لاش کڻائي سول اسپتال گهوٽڪي منتقل ڪيو جتي سندس جي سڃاڻپ ضمير احمد ميمڻ طور ٿي جنهن بعد نوجوان جي وارثن اطلاع ڏنو ويو. لاش ضروري ڪاروائي بعد وارث گهر کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.

بقايا ----------- 25

محلا واسڻ 14 سالا نينگري عاطفہ سولنگي کي مبينا ورغلائي شادي ڪرائڻ جو انڪشاف ٿيو آهي، نينگري جي ڀاءُ الهڏنو سولنگي پاران دادو جي اي سيڪشن ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرائيندي ڄاڻايو آهي ته 14 سالا ڀيڻ عاطفه سولنگي جو رشتو اڪبر مغل وارن گهريو هو رشتو نه ڏيڻ تي ٽي مهينا اڳ نينگري کي اغوا ڪيو ويو جوابدار 14 سالا ڀيڻ کي اغوا ڪرڻ بعد ورغلائي زبردستي شادي ڪئي آهي عاطفہ جا اسڪول سرٽيفڪيٽ، بي فارم به موجود آهي جنهن ۾ عمر 14 سال اٿس هن ڄاڻايو ته ڀيڻ جي عمر معلوم ڪرڻ لاءِ ميڊيڪل ڪرايو وڃي، اي سيڪشن پوليس عدالتي حڪمن تحت 5 جوابدارن تي اغوا ۽ چائلڊ ميريج ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري ورتو آخري اطلاع تائين پوليس نينگري کي بازياب نه ڪرائي سگهي نه ئي جوابدار گرفتار ٿي سگهيا آهن.

بقايا ----------- 26

ڪوارٽر پراڻو سکر واري علائقي ۾ هلندڙ پاڻي جي مسئلي جي لاءِ رهواسين جي ڪيل احتجاجن رنگ لاتو سماجي ڪارڪن محمد نعيم سومرو جي مدعيت ۾ ناليواري وڪيل پير امداد علي جهنڊير جي طرفان سول ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪري ڇڏي جڏهن ته عدالت سڳوري دليل ٻڌڻ بعد ڪيس کي ٻڌڻ جوڳو قرار ڏيندي ڊپٽي ڪمشنر سکراسسٽنٽ ڪمشنرسٽي سکر، ميونسپل ڪمشنر سکر، XENواٽر ورڪس سکر ايگزيڪيوٽو انجنيئر PHEDسکر، ٽائون ڪاميٽي چيئرمين قوت علي شاهه.يوسي 2 چيئرمين عبدالله منگي - آغا جاويد پٺاڻ کي مين منو.نعيم اتڙ جن ڏانهن نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

بقايا ----------- 27

پوليس اهلڪار سميت ٽن ڄڻن جي قتل ڪيس مان بري ڪري ڇڏيو. ڪراچي جي ايڊيشنل اينڊ ڊسٽرڪٽ عدالت 2009ع ۾ پوليس اهلڪار سميت ٽن ڄڻن جي قتل خلاف چاڪيواڙا ٿاڻي ۾ داخل ڪيس مان لياري گينگ وار جي مُک جوابدار عزيز بلوچ کي بري ڪري ڇڏيو. صفائي واري وڪيل موجب، عزير بلوچ کي گرفتار جوابدارن جي بيان جي روشني ۾ ڪيس ۾ شامل ڪيو ويو هو. گرفتار ٻيا جوابدار ٻهريان ئي ڪيس مان بري ٿي چڪا آهن. واضح رهي ته عزير بلوچ هيئنر تائين ٻن درجن کان وڌيڪ ڪيسن ۾ ثبوت نه هئڻ جي بنياد بري ٿي چڪو آهي.

بقايا ----------- 28

آهي. چيني ميڊيا کي انٽرويو ڏيندي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان جون تائين پانڊا بانڊ جاري ڪرڻ جو خواهشمند آهي، پاڪستان چيني سرمائيڪارن سان 200 کان 250 ملين ڊالر گڏ ڪرڻ جو خواهشمند آهي. مصرجيان يورو بانڊز جاري ڪرڻ جي بينڪ گارنٽي جي لاءِ ايشين انفرااسٽرڪچر انويسٽمينٽ بينڪ سان ڳالهيون جاري آهن. محمد اورنگزيب چيو ته پاڪستان جي معاشي استحڪام جي لاءِ چين جي سرمائيڪاري تمام گهڻي اهم آهي، پاڪستان سي پيڪ جي ٻئي فيز ۾ چين کان وڌيڪ تعاون جو خواهشمند آهي ۽ ايندڙ فيز ۾ اسپيشل اڪنامڪ زونز، زراعت، آءِ ٽي سيڪٽرز ۾ هٿي ڏني ويندي. ناڻي واري وزير چيو ته چين جي نجي شعبي ۽ برآمدي صنعتن کي پاڪستان ۾ سرمائيڪاري ڪرڻ گهرجي. وڏيون چيني ڪمپنيون برآمدي يونٽس پاڪستان منتقل ڪري پاڪستان کي بطور برآمدي مرڪز طور استعمال ڪري سگهن ٿيون. سي پيڪ ٽو ۾ برآمدي صنعتن جي ترجيح سان قرض ادائيگي کي آسان بنايو ويندو هن وڌيڪ چيو ته پاڪستان ۾ چيني ڪمپنين جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي ۾ اضافو ڪيو ويندو.

بقايا ----------- 29

ملڪي سطح تي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ هڪ ڀيرو وري واڌ جو امڪان آهي. ذريعن موجب، ملڪ ۾ پيٽرول جي قيمت ۾ في ليٽر 3 رپيا 53 پئسا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي اگهه ۾ 3 رپيا 66 پئسا واڌ جي تجويز ڏني وئي آهي، جنهن بعد في ليٽر پيٽرول جي نئين قيمت 256.19 رپيا ۽ هاءِ اسپيڊ ڊيزل جي قيمت 262 رپيا ٿي ويندي. ذريعن جو چوڻ آهي ته گاسليٽ جي اگهه ۾ 4 رپيا 98 پئسا ۽ لائيٽ ڊيزل جي قيمت 6 رپيا 20 پئسا واڌ جي تجويز آهي. وزيراعظم جي منظوريءَ کانپوءِ پيٽروليم شين جا نوان اگهه 16 جنوري کان لاڳو هوندا جيڪي ايندڙ 15 ڏينهن تائين برقرار رهندا. ذريعن جو چوڻ آهي ته گذريل ڏينهن عالمي مارڪيٽ ۾ لنڊن برينٽ آئل جي قيمت 8 ڏهائي 50 سيڪڙو تائين وڌي چڪي آهي، جنهن کانپوءِ في بيرل قيمت 80.50 ڊالر تائين رڪارڊ ڪئي وئي آهي.

بقايا ----------- 30

رخ ريگستان طرف موڙڻ چاهين پيا، اهڙي عمل خلاف لاهور ۽ اسلام آباد ۾ احتجاج ڪنداسين سنڌو مان نوان ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌ ترقي پسند پارٽيءَ پاران ميرپورخاص ۾ جاگرتا جي سلسلي ۾ اسٽيشن چوڪ کان بلديا مارڪيٽ تائين ريلي ڪڍي وئي، جنهن کي خطاب ڪندي ايس ٽي پي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته پاڻي زندگيءَ جي بنيادي ضرورت آهي، سنڌ وٽ سنڌو درياءَ کانسواءِ پاڻيءَ جو ٻيو ڪو ذريعو ناهي، پنجاب ۽ وفاق 6 ڪروڙ سنڌ واسين جي واحد جيئاپي جي وسيلي جو رُخ پنهنجي ريگستان کي آباد ڪرڻ لاءِ موڙڻ گهرن ٿا. هن چيو ته سنڌ کي مستقبل ۾ تباهه ڪندڙ اهڙي منصوبي جي منظوري صدر آصف زرداري ڏني آهي، جڏهن ته بلاول ڀٽو زباني طور ان جي مخالفت ڪري ٿو جيڪو هڪ ٻٽو معيار آهي. هن چيو ته هي رڳو زراعت جو مسئلو ناهي، اسان واپاري برادريءَ کي به ٻڌايو ٿا ته اهي سنڌو درياءَ کي بچائڻ واري تحريڪ کان لاتعلق رهيا ته هنن کي به بربادي لاءِ تيار رهڻ گهرجي، ڇاڪاڻ جو حڪمران ڪو الڳ پائپ هڻي هنن کي پاڻي ڪونه پهچائيندا. قادر مگسي چيو ته جيڪو سنڌو جو پاڻي بند ڪري ٿو اهو سنڌ دشمن آهي ۽ جيڪو پاڻي بند ڪرڻ ۾ ساٿ ڏئي ٿو ته اهو غدار آهي. ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سڄي سنڌ ۾ ڪئنال خلاف سڄاڳي پکيڙڻ لاءِ جلسا ۽ ريليون ڪڍي رهيا آهيون. 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ هڪ وڏو جلسو ڪرڻ کانپوءِ لاهور ۽ اسلام آباد ۾ به ميدان سڄائينداسين، سنڌ جا ماڻهو ان ڏس ۾ آخري ويڙهه لاءِ تيار رهن. جلسي کي خطاب ڪندي ايس ٽي پي جي سينيئر وائيس چيئرمين گلزار سومري چيو ته حڪمران لاهور جي اشرافيا کي سنڌ جو پاڻي سنڌ واسين کان ڦري ڏيڻ چاهين ٿا. هن چيو ته سنڌ 77 سالن کان اڳ ئي گهڻو ڪجھ ڀوڳي رهي آهي، حڪمران ان کي هاڻ وڌيڪ تباهه ڪرڻ چاهين ٿا. ان موقعي تي خطاب ڪندي حيدر شاهاڻي چيو ته حڪمران سنڌ جي جيئاپي جي وسيلي سنڌو کي مڪمل طور خاموش ڪرڻ چاهين ٿا، پنجاب هوڏ تان نه لٿو ته سنڌ کان پنجاب ويندڙ سمورا رستا بند ڪنداسين. جلسي کي خطاب ڪندي هوت خان گاڏهي، قادر چنا، حاڪمزادي ٽيبو ۽ ڪريم ڪيريو چيو ته ملڪ جا حڪمران ڪئنال ڪڍي سنڌ جي زرعي معيشت سميت شهرن کي به تباهه ڪرڻ گهرن ٿا. هنن چيو ته سنڌ جي ماڻهن کي اڳ ئي پنڌ جهڙو بڻايو ويو آهي، هاڻ سنڌ جي واحد جيئاپي جي وسيلي درياءَ تي ڌاڙو هڻي سنڌ کي مڪمل بربادي طرف ڌڪڻ جون سازشون رٿيون ويون آهن. جنهن خلاف مزاحمت ڪئي ويندي.

بقايا ----------- 31

خيبرپختونخوا جي سياسي اڳواڻن سان پشاور ۾ ڳالهائيندي، آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو ته اسان جي پاليسي صرف ۽ صرف پاڪستان آهي. افغانستان اسان جو برادر پاڙيسري اسلامي ملڪ آهي ۽ پاڪستان هميشه افغانستان سان بهتر لاڳاپن جو خواهشمند رهيو آهي. هن چيو ته افغانستان سان رڳو فتنہ الخوارج جي موجودگي ۽ سرحد پار کان پاڪستان ۾ دهشتگردي پکيڙڻ تي اختلاف آهي ۽ اهو اختلاف تيستائين رهندو جيستائين هو اهو مسئلو حل نه ڪندا. آرمي چيف سياسي قيادت کي ٻڌايو ته خيبرپختونخوا ۾ ڪو وڏو آپريشن ناهي ٿي رهيو ۽ فتنہ الخوارج جي پاڪستان جي ڪنهن به علائقي ۾ عملداري ناهي، رڳو انٽيليجنس جي بنياد تي ٽارگيٽڊ ڪارروائي ڪئي ويندي آهي. هن چيو ته ڇا الله جي نظر ۾ فساد في الارض هڪ وڏو گناهه نه آهي؟ رياست آهي ته سياست آهي، خدا نه ڪري رياست ناهي ته ڪجھه به ناهي، اسان سڀني کي بنا ڪنهن فرق ۽ تعصب جي دهشتگردي جي خلاف گڏجڻو پوندو. جڏهن اسان گڏجي هلنداسين ته صورتحال جلدي بهتر ٿي ويندي. جنرل عاصم منير چيو ته انسان خطا جو گهر آهي، اسان سڀ غلطيون ڪندا آهيون. پر انهن کي قبول ڪرڻ ۽ سبق نه سکڻ ان کان به وڏي غلطي آهي. هن وڌيڪ چيو ته عوام ۽ فوج جي وچ ۾ هڪ خاص رشتو آهي ۽ ان رشتي ۾ ويڇا وڌائڻ جو ڪوڙو بيانيو بنيادي طور تي پرڏيهه مان هڪ خاص ايجنڊا ذريعي هلايو ويندو آهي. انهن چيو ته نيشنل ايڪشن پلان تي سڀ پارٽين جو اتفاق اتساهيندڙ آهي، پران تي تيزيءَ سان ڪم ڪرڻو پوندو.

بقايا ----------- 32

وڃڻ سيڪيورٽي ناڪامي آهي، ڇا 9 مئي جي واقعن ۾ ڪنهن فوجي آفيسر جي ملوث هجڻ تي ٽرائل ٿيو؟ جسٽس امين الدين خان جي سربراهي ۾ 7 رڪني آئيني بينچ ٻڌڻي ڪئي. دفاع واري وزارت جي وڪيل خواجه حارث گذريل ڪيترن ڏينهن کان جاري پنهنجا دليل شروع ڪري ڇڏيا ۽ موقف ڏنو ته ايف بي علي ڪيس ۾ جن ماڻهن تي ڪيس هلايو ويو اهو ريٽائرڊ هو. جسٽس مسرت هلالي ريمارڪس ڏنا ته ڪنٽونمينٽ ۾ جڪڏهن سپاهي جو سويلين سان اختلاف ٿي وڃي ته ڪيس ڪيڏانهن ويندو. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته اختلاف ڌار ڳالهه آهي. ملٽري ٽرائل جي معاملي کي وڌايو پيو وڃي. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته امن واري دور ۾ به ملٽري معاملن ۾ مداخلت ڪرڻ تي سويلن جو ٽرائل ملٽري ڪورٽس ۾ ٿئي هلندو. جسٽس حسن اظهر رضوي چيو آخر ماسٽر مائنڊ به هوندو سازش ڪنهن ڪئي. دفاع واري وزارت جي وڪيل خواجه حارث چيو ته سازش ڪندڙ يا ماسٽر مائنڊ جو ٽرائل به ملٽري ڪورٽ ۾ ئي ٿيندو سويلين جو ٽرائل اوچتو نه ٿي رهيو آهي. 1967ع کان قانون موجود آهي. جسٽس حسن اظهر رضوي سوال اٿاريو ته خواجه صاحب اوهان دفاع واري وزارت جا وڪيل آهيو هڪ اهم سوال جو جواب ڏيو ڇا 9 مئي جي واقعن ۾ ڪنهن فوجي آفيسر جي ملوث هجڻ تي ٽرائل ٿيو؟ 9 مئي تي ماڻهو ڪور ڪمانڊر هائوس ۾ پهچي ويا؟ ماڻهن جو ڪور ڪمانڊر هائوس جي اندر وڃڻ سيڪيورٽي معاملو نه آهي. دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته مظاهرين تي الزام ملڪيتن کي نقصان پهچائڻ جو آهي، 9 مئي جي واقعي ۾ ڪنهن فوجي آفيسر کي چارج نه ڪيو ويو. جسٽس حسن اظهر رضوي چيو ته 9 مئي تي جڏهن ملٽري تنصيبات کي نقصان پهچايو ويو ڇا ڪا مزاحمت ڪئي وئي، ضروري ناهي ته گولي هلائي وڃي، دفاع واري وزارت جي وڪيل چيو ته جاني نقصان نه ٿئي انهي لاءِ مڪمل صبر جو مظاهرو ڪيو ويو. جسٽس جمال خان مندوخيل سوال اٿاريو ته جيڪڏهن ڪنهن فوجي کان انهي جي رائفل چوري ڪئي وڃي ته ڪيس ڪٿي هلندو؟ دفاع واري وزارت جي وڪيل جواب ڏنو ته رائفل فوجي جو جنگي هٿيار هوندو آهي. جسٽس مسرت هلالي پڇائو ڪيو ته جيڪڏهن سويلين مالي فائدي لاءِ چوري ڪري ٿو حالانڪه انهي جو مقصد آرمي کي غير مسلح ڪرڻ نه هو انهي جو ڪيس ڪٿي هلندو. دفاع واري وزارت جي وڪيل جواب ڏنو ته حالتن ۽ واقعن کي ڏٺو ويندو. جسٽس محمد علي مظهر چيو ته ڪهڙو ڏوهه ملٽري ڪورٽ جي دائري ۾ ايندو انهي جو آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ ۾ ذڪر موجود آهي. جسٽس مسرت هلالي ريمارڪس ڏنا ته 9 مئي ۽ 10 مئي جي واقعن ۾ اهڙا احتجاجي مظاهرين به هئا جن کي خبرئي نه هئي ته ڇا ٿي رهيو آهي. دفاع واري وزارت جي وڪيل موقف ڏنو ته جن کي خبرئي نه هئي انهن جو ته ملٽري ڪورٽس ۾ ٽرائل ئي نه ٿيو انهي سان گڏ ئي عدالت سڳوري ملٽري ڪورس ڪيس جي ٻڌڻي سڀاڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ----------- 33

بي جي ڊي چوڪ احتجاج جي 13 ڪيسز ۾ عبوري ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ٿي جنهن دوران بشريٰ بي بي ۽ سندس وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران فائلون تيار ڪري نه اچڻ تي جج درخواست گذار جي وڪيل تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو جج ريمارڪس ڏنا ته اوهان فائلون تيار ڪري ايندا ڪريو منهنجي عدالت ۾ اچي فائلون سڌيون ڪري رهيا آهيو. انهي موقعي تي وڪيلن طرفان بشريٰ بي بي جي سادن ڪاغذن تي صحيح ۽ آڱوٺي جو نشان لڳرائڻ تي جج طرفان ٻيهر ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ويو ته هر جڳهه چون ٿا وي آءِ پي پروٽوڪول ملي، ائين نٿو ٿي سگهي. مون اوهان کي انتظار ناهي ڪرايو مان ته فيصلو لکرائي رهيو هئس اهو ڇڏي اوهان جي ضمانتن جي ٻڌڻي ڪري رهيو آهيان. جڏهن عدالتي حڪم نامو نڪرندو ته انهي تي جوابدار عورت جي صحيح ۽ آڱوٺي جو نشان لڳندو. عدالت وڪيل ڊاڪٽر قدير خواجه جي ڳالهائڻ تي به ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته يقين ڪرڻ سکو. عدالت تي يقين ڪندا ڪريو اوهان يقين ڪندو ته ماڻهو به اوهان تي يقين ڪندا. عدالت کي ٻڌايو ويو ته بشريٰ بي بي جي خلاف ڊي چوڪ احتجاج تي اسلام آباد جي مختلف ٿاڻن ۾ 13 ڪيسز داخل ٿيل آهن. سيڪريٽريٽ ٿاڻي ۾ 3، مارگلہ ٿاڻي ۾ 2 ۽ ڪراچي ٿاڻي ۾ 2 ڪيس داخل ٿيل آهن. انهي کان علاوه بشريٰ بي بي جي خلاف رمنا ٿاڻي ۾ 2، ترنول ٿاڻي، ڪوهسار، آبپاره ۽ کهنہ ۾ هڪ هڪ ڪيس داخل ٿيل آهي. جنهن کان پوءِ عدالت 5_5 هزار روپين جي مچلڪن عيوض بشريٰ بي بي جي 7 فيبروري تائين عبوري ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي پوليس کي رڪارڊ سميت پيش ٿيڻ جو حڪم ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ----------- 34

نواز شريف کي به جواب ڏيڻو پوندو. اڊيالا جيل جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته اڄ پي ٽي آءِ باني هڪ سوال پڇيو آهي جنهن ڪيس ۾ عمران خان کي سزا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، ڪڏهن چون ٿا باني چوري ڪيا آهن . انگلينڊ جي ايجنسي چيو آهي تراهي چوري جا پئسا نه هئا. اها پراپرٽي ٽائيڪون حسن نواز کي رشوت ڏني هئي، نواز شريف کي جواب ڏيڻ گهرجي ته چو رشوت ورتي؟ عليمه خان سوال اٿاريو ته اين سي اي سوال ڪيو آهي ته اهي ايترا پئسا ڪٿان آيا آهن؟ اين سي اي چيو آهي ته اهي چوري يا مني لانڊرنگ جا پئسا ناهن، پراپرٽي ٽائيڪون اين سي اي سان ڊيل ڪئي هئي ته پئسا واپس ڪئي وڃان ٿو ۽ پوءِ اهي پئسا پاڪستان آيا جن سان اربين رپين جو فائدو ٿيو. جيڪو ڊنڊ لڳايو ويو ان جي سهولتڪاري آصف زرداري ڪئي هئي پر عمران خان کي سزا انڪري ڏني پئي وڃي ته ادارو چو ناهيو جنهن ۾ سيرت نبوي صلعم پڙهائي پئي وڃي؟ هن چيو ته جڏهن پڇيو ويندو ته عمران خان سهولتڪاري ڪئي آهي ته ان بابت نواز شريف کي به جواب ڏيڻو پوندو، هو پريشان آهن ته فلاحي ادارو آهي جنهن مان باني کي ڪو فائدو نٿو ٿئي، ڪين سزا ڏيڻ ۾ وڏي مشڪل پيش اچي رهي آهي، باني چاهي ٿو ته سزا ٻڌائي وڃي ان ڪانپوءِ اسان ان کي هاءِ ڪورٽ ۾ کڻي وينداسين. جن تي ڪيس ٺهڻ گهرجن اهو عمران خان ناهي ٻيا ماڻهو آهن چو ته هي معاملو انگلينڊ ۾ طئہ ٿيو هو. عليمه خان وڌيڪ چيو ته هن وقت پي ٽي آءِ باني تيار آهن ته هو ڪيسن کي منهن ڏيندو جڏهن عمران خان ٻاهر ايندو ته اوهان سڀ ڏسي وٺندو.

بقايا ----------- 35

سلسلي هر سال جيان پير آف پٽ شاهه سيد اديب الحسن شاهه لطيفي جي اڳواڻي ۾ پٽ شاهه کان سيوهڻ تائين خوشي وچان ريلي ڪڍي وئي ۽ سخي قلندر لعل شهباز جي مزار تي امير ڪائنات حضرت علي عليہ السلام جي جشن جو 400 پائونڊ ڪيڪ درگاهه سيوهڻ جي سيد مهدي رضا شاهه سبزواري سان گڏجي ڪٽيو ويو. جڏهن ته علي حيدر شاهه سيد علي مرتضا شاهه ،مرتضا ننڌواڻي، اشفاق ڏاهري، زوار حسين بخش جتوئي، ديدار علي چانڊيو، سيد زاهد حسين شاهه ،صحافي رجب علي بوزدار، محمد اشرف عطار، راجا حيدر بخش وسان، سومار خان بليدي ،امتياز علي ابڙو، ذوالفقار علي سومرو، آفاق جتوئي، امير بليدي، مصدق پنهور ۽ ٻيا به موجود هئا . ان موقعي تي قصيدا خوانن پاران امير ڪائنات حضرت علي عليہ السلام جي شان ۾ قصيده به پيش ڪيا ويا ۽ خوشي جو اظهار ڪيو ويو. آخر ۾ پير آف پٽ شاهه سيد اديب الحسن شاهه لطيفي پاران پاران جشن جي سلسلي ۾ لنگر نياز جو به اهتمام ڪيو ويو. سيد اديب شاهه جو چوڻ هو ته قلندر سرڪار جي مزار تي ڪيڪ جي شروعات منهنجي والد مرحوم سيد نازڪ سائين ڪئي جيڪا ڊيوٽي اسين هر سال 13 رجب جي رات سيوهڻ پهچي ادا ڪندا آهيون هن چيو ته امير ڪائنات حضرت علي عليہ السلام جي جشن جي خوشي عيد جيان آهي، جنهن ۾ اسين ڀرپور خوشي جو اظهار ڪندا آهيون.

بقايا ----------- 36

ميمڻ هڪ فوري حڪم تحت نيوسعيدآباد ٿاڻي جي ايس ايڇ او ڪرم علي عمراڻي کي پوليس لائن متياري بدلي ڪري ڇڏيو جڏهن ته ايس ايڇ او نيوسعيدآباد جي چارج ايڊيشنل ايس ايڇ او نيوسعيدآباد غلام سرور رسوانڙو کي ڏني وئي آهي.

بقايا ----------- 37

روڊ پير ڪوڙل رستي وٽ ڦٽا رڪشا کي بچائيندي ٽريڪٽر ٽرالي ڪلٽي ٿي پيئي، ٽريڪٽر ڊرائيور زخمي، سمس اسپتال بعد حيدرآباد ريفر. شهدادپور ويجهي ٻرهون روڊ پير ڪوڙل رستي وٽ ڦٽا رڪشا کي بچائيندي ٽريڪٽر ٽرالي ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪلٽي ٿي پيئي، ڳوٺ ٻچل موري واسي ٽريڪٽر ڊرائيور عاشق حسين ٻاگراڻي سخت زخمي ٿي پيو، زخمي کي شهدادپور جي سمس اسپتال آندو ويو، جتي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ گهربل سهولتن نه هجڻ تي ڪيس حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، زخمي عاشق حسين ٻڌايو ته ڳوٺ ٻچل موري کان شهدادپور ٽريڪٽر ٽرالي کاهي آيس پيي ته واقعو پيش آيو آهي.

بقايا ----------- 38

واري ڪاتي سنڌ اسپورٽس ڪيلنڊر ۾ سنڌ گيمز سان گڏو گڏ سنڌ بيچ گيمز جو مقابلو ٿيندو. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ جي راندين واري سيڪريٽري عبدالعليم لاشاري سان گڏ ڪراچي ۾ 3 ڏينهن واري سنڌ اسپيشل گيمز جي افتتاح ڪرڻ بعد صحافين سان ڳالهائيندي ڪيو. سنڌ جي راندين واري وزير سردار محمد بخش مهر وڌيڪ چيو ته سالياني ڪئلينڊر ۾ هميشہ لاءِ هاڻي سنڌ اسپيشل گيمز ۾ رکنداسين، اسان جي ڪوشش آهي ته هن سال اسپيشل راندين جو دائرو سنڌ جي سيٽي ڊويزنن تائين وڌايو ويندو ته جيئن اهي اسپيشل ٻار بين الاقوامي سطح تي کيڏي سگهن. سردار محمد بخش مهر چيو ته ايندڙ فيبروري ۾ نيشنل گيمز جي حوالي سان پريس ڪانفرنس رکي آهي. سنڌ ستر سالن کان پوءِ نيشنل گيمز جي ميزباني ڪندي. اسان گهوٽڪي ۾ اسپورٽس فيسٽيول منعقد ڪرڻ وارا آهيون. اسان ٿر ۾ ٿر اسپورٽس فيسٽيول پڻ منعقد ڪنداسين. ٽيڪنالاجي جي دور ۾ ٻهريون ڀيرو، سنڌ ۾ اي-اسپورٽس جو به استقبال ڪيو ويندو. هن چيو ته سنڌ اسپيشل گيمز ٽن ڏينهن تائين جاري رهنديون، جنهن ۾ ڪراچي جي 30 کان وڌيڪ ادارن حصو ورتو ۽ 1200 کان وڌيڪ اسپيشل ٻارن حصو ورتو. اسان سنڌ جي نوجوانن کي راندين ۾ موقعا ڏينداسين ته جيئن سنڌ جا نوجوان پنهنجي صوبي جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ سخت محنت ڪن. راندين واري وزير پنجاب حڪومت کي چئلينج ڏيندي چيو ته پنجاب جي ماڻهن کي به گهرجي ته پنهنجون ٽيمون سنڌ ۾ آڻين ۽ اچي مڪ مڪو ڪن. سنڌ جي نوجوانن ۾ راندين ۾ تمام گهڻي صلاحيت موجود آهي. اسان چاهيون ٿا ته پنجاب جا رانديگر سنڌ ۾ اچن ۽ راندين ۾ حصو وٺن. سنڌ اسپيشل گيمز 2025 ڪراچي، 30 کان وڌيڪ ادارا، 1200 معذور ٻارن ايٿليٽڪس، آرٽري، بيڊ منٽن، ٽائيڪوان، ٽينس، فٽبال ۽ ٻين راندين ۾ حصو ورتو ۽ راندين جي منعقد ٿيڻ تي خوشي جو اظهار ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ پارلياماني سيڪريٽري اسپورٽس سنڌ صائمہ آغا، چيف انجنيئر اسلم مهر، ڊائريڪٽر اسپورٽس امداد علي ابڙو، ضلعي اوير جي راندين جي انچارج اسماعيل شاهه ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا ----------- 39

جنهن دوران ڦورو ڪروڙين روپيه ڦر ڪري فرار ٿي ويا. ضلعي پوليس آفيسر عبدالرشيد خان موجب نوشهري جي علائقي تارو جبہ ۾ بينڪ ۾ ڦرجي واردات ٿي. هن ٻڌايو ته بينڪ مان هڪ ڪروڙ 77 لک کان وڌيڪ جي رقم ۽ 572 تولا(7 ڪلو کان وڌيڪ) سون ڪٽي فرار ٿي ويا. هن چيو ته ڦورن گيس ڪٽرسان لاڪر ٽوڙيا جنهن کان پوءِ هو روڪ رقم ۽ سون کڻي فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. ڦورو ڳجهي ڪيمرا ۽ رڪارڊنگ به پاڻ سان گڏ کڻي ويا. بينڪ مان ڦر جي اهڙي واردات کان پوءِ پوليس ڦرجو ڪيس بينڪ مئنيجر جي مدعيت ۾ داخل ڪري ورتو. واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

بقايا ----------- 40

باسعادت مولاءِ ڪائنات امام علي عليہ السلام جي سلسلي ۾ مرڪزي امام بارگاهه پير صفر شاهه بخاري کان ريلي ڪڍي وئي ريلي جي اڳواڻي شيعا علماءِ ڪائونسل ضلعا قمبرشهدادڪوٽ جي نائب صدر زنوار ذاڪر ڪاظم رضا ڪاظم جويو ڪئي. ريلي جيڪا شهرجي مختلف علائقن چونڪن چوراهن کان ٿيندي نوناري محلي تائين ڪڍي وئين جنهن ۾ سوين ماڻهن جي ريلي ۾ جهمريون هڻي مولا علي عليہ السلام جي پيدائش تي نعريبازي پڻ ڪئي. ريلي کي خطاب ڪندي سيد سخاوت علي شاهه رضوي ۽ شيعا علماڪائونسل ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي نائب صدر زاڪر زوار ڪاظم رضا ڪاظم جويو۽ٻين چيو ته مولا علي عليہ السلام جي آمد ڪعبت ۾ ٿي آهي ۽جنهن جي شهادت مسجد ۾ ٿي آهي جيڪو مومنن مير ۽ فاتح خيبر به آهي هنن چيو ته محمد مصطفي احمد مجتبي صل عليکم وسلم جن جو فرمان آهي ته اي علي تنهنجو نفس منهنجو نفس آهي تنهنجون خون منهنجو خون آهي. اي علي تون مون مجهان آهين مان تو آمنجهان آهيان جشن مولود ڪعبہ وڏي جوش جذبي سان ملهائيندي ڪيڪ ڪاٽي مومنن کي ڪارايو ويو ۽ دعاءِ خير گهري وئي.

پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس پاران منهاج برنا کي خراج عقيدت پيش

سکر (بيوروريورٽ) پي ايف يو جي پاران منهاج برنا کي خراج عقيدت پيش ڪيو ويو پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (پي ايف يو جي) پاڪستان جي هڪ ذهين ۽ باهمت صحافي منهاج برنا کي سندس ورسي جي موقعي تي خراج عقيدت پيش ڪندي پي ايف يو جي صدر افضل بٽ، سيڪريٽري جنرل ارشد انصاري ۽ سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ منهاج برنا جي صحافي برادري جي حقن ۽ صحافت جي آزادي لاءِ ڪيل جدوجهد جو ذڪر ڪندي چيو آهي ته انهن کي ايندڙ هر دور ۾ ڪڏهن به وساري نه ٿو سگهجي ڇاڪاڻ تجو منهاج برنا آمرن جو ساٿ نه ڏنو هو هڪ اصول پرست انسان هو جنهن پريس جي آزادي ۽ سماج جي پٺتي پيل طبقن جي حقن لاءِ اڻٿڪ جدوجهد ڪئي آمرجنرل ضياءَ الحق جي آمريت سميت بدترين دور ۾ به هن ڪڏهن به هٿيار ڦٽا نه ڪيا. هنن وڌيڪ چيو ته اسان منهاج برنا جي نقش قدم تي هلنداسين صحافت ۽ ميڊيا جي آزاديءَ جي معيار کي قائم ڪنداسين ڇاڪاڻ ته اسان انهن معيارن جي حفاظت ڪرڻ جا پابند آهيون.

رڪن برڙا ۾ جشن مولود ڪعبہ علي عليہ اسلام جي ولادت جو جشن ملهايو ويو

رڪن برڙا (ن پاڪ) جشن مولود ڪعبہ علي عليہ اسلام 13رجب ڪائنات جي امام علي عليہ اسلام جي آمد ۽ سيد نور شاهه بخاري جو سالياني عرس مبارڪ تي شهر رڪن برڙا ۾ امام بارگاهه باب حيدر ۽ امام بارگاهه دعادار بتول تي جشن علي عليہ اسلام وڏي شان ۽ جذبي سان ملهايو ويو پروگرام منايي ۽ نگر پڻ ورهايو ويو محفل کي فنڪار نصير ملاح عابد خاصيخلي اياز خاصيخلي کصيدا پڙهي محفل ۾ وينلن کي جهومايي ڇڏيو سيد نور شاهه بخاري تي (چادر) جي رسم مهمان خاص امير علي رند حاجي گلشير خاصيخلي جان محمد ابڙو دوست محمد برڙو حاجي قربان لغاري غلام شبير لغاري چادر چاڙهي عالم اسلام لاءِ دعا گهري ويي آمد علي عليہ اسلام جي محفل سجايندڙ خادم حسين منگريو رياض حسين خاصيخلي وحيد خاصخيلي طالب حسين منگريو نثار منگريو طارق منگريو سميت مومنن پاران آتش بازي ڪري خوشي جو اظهار ڪيو ويو

گئس معاملي تان سنڌ سان زيادتي ٿي پئي: نعيم خان

سکر (بيورو رپورٽ) متحده قومي موومينٽ پاڪستان ضلعي سکر جي انچارج نعيم خان. اڳوڻي ايم پي اي ديوان چند چاولا. ضلعي ميمبر سراج خان ايڊووڪيٽ ۽ ٻين گڏيل بيان ۾ چيو آهي ته شهر جي اڪثر علائقن ۾ ڏينهن رات هڪ ڪلاڪ به گيس ناهي. نه ملڻ ڪري پراڻو سکر، ريجنٽ، نوان گوڙ، ٽئون پنڊ، سوئي سدرن گيس ڪمپني پاران ماڻهن جي گهرن جا چولا ڪولڻ قومي ڏوهه قرار ڏنو ويو آهي. شهرين کي هر قسم جون سهولتون فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري آهي پر آفيسر لکين روپيا پگهارون کڻن باوجود ڪجهه به نه ڪري رهيا آهن. سکر ۾ گئس جي لڳاتار غير اعلانيل بدترين لوڊشيڊنگ انتظاميہ ۽ گئس جي اداري جي نااهلي جو ثبوت آهي. هنن چيو ته شهري سلينڊر استعمال ڪرڻ تي مجبور آهن يا هوٽلن تان مهانگي اگهن تي کاڌو خريد ڪرڻ تي مجبور آهي.

درگاهه سيد صابر شاهه ۾ حضرت علي عليہ السلام جي يوم ولادت تقريب، ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ملير(د ر) ملير جي علائقي فلٽر پلانٽ لڳ درگاهه سيد صابرحسين شاهه تي 13 رجب يوم پيدائش حضرت علي ڪرم الله وجہ جي حوالي سان جشن آمد جي تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ سنڌ جي ناليوارن فنڪار گلشير چانڊيو، عبدالخالق ڀٽي، عظيم هيسباڻي سميت ٻين صوفي راڳين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. جڏهن ته تقريب ۾ سجاده نشين سيد جعفرحسين شاهه ۽ ٻين پاران حضرت علي ڪرم الله وجہ جي ولادت جو ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو، تقريب کي خطاب ڪندي درگاهه جي سجاده نشين سيد جعفر حسين شاهه چيو ته 13 رجب تي حضرت علي ڪرم الله وجہ جي ولادت جي حوالي سان هر سال جيان هن سال به جشن آمد جو ڏهاڙو ملهايو ويو آهي، هن چيو ته سنڌ صوفين ۽ درويشن جي ڌرتي آهي جتي اڄ به پيار محبت ۽ امن جو درس ملي ٿو.

نوابشاهه ۾ ٽينڊڙ جرنلسٽس ڪنوينشن تاريخي هوندو: مجاهد بوزدار

روهڙي (رپورٽر) روهڙي پريس ڪلب جي صدر مجاهد بوزدار چيو آهي ته 18 جنوري تي نوابشاهه ۾ ٽينڊڙ جرنلسٽس ڪنوينشن سنڌ جي صحافتي تاريخ ۾ هڪ يادگار ايونٽ هوندو جيڪو نه رڳو سنڌ جي سمورن صحافين کي هڪ پليٽ فارم تي متحد ڪندو پر انهن جي مسئلن جي حل لاءِ نوان رخ پڻ متعارف ڪرائيندو هن چيو ته پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس (PFUJ)جي مرڪزي اڳواڻ لالا اسد پٺاڻ ڪنوينشن ۾ خاص طور شرڪت ڪندا ۽ صحافين کي درپيش چيلينجز انهن جي حقن جي تحفظ ۽ PFUJطرفان کنيل قدمن بابت تفصيل سان خطاب ڪندا مجاهد بوزدار وڌيڪ چيو ته لالا اسد پٺاڻ جي قيادت ۾ PFUJ صحافين جي حقن جي حفاظت ۽ آزاديءَ صحافت لاءِ بي مثال جدوجهد ڪئي آهي هنن جي قيادت ۾ تنظيم صحافين لاءِ هڪ مضبوط پليٽ فارم بڻجي چڪي آهي جتي انهن جي حقن جي حفاظت ۽ مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کنيا ويا آهن لالا اسد پٺاڻ جي جرئت ۽ عزم صحافين کي اهو حوصلو ۽ اعتماد ڏنو آهي جنهن سان اهي هر ڏکئي وقت ۾ پنهنجي جدوجهد جاري رکي سگهن ٿا PFUJهنن جي قيادت ۾ هميشہ صحافين جي حقن جو دفاع ڪيو آهي ۽ آزاديءَ صحافت لاءِ اڻٿڪ محنت ڪئي آهي روهڙي پريس ڪلب جي صدر ٻڌايو ته 18 جنوري تي نوابشاهه ۾ ٽينڊڙ ڪنوينشن جي موقعي تي لالا اسد پٺاڻ جو قافلو جڏهن سکر کان نوابشاهه تائين سفر ڪندو ته رستي ۾ هر شهر ۾ انهن جو شاندار استقبال ڪيو ويندو انهن جي قافلي تي گلن جي ورکا ڪئي ويندي ۽ صحافين جي محبت ۽ عقيدت جو اهڃاڻ پيش ڪيو ويندو

اڳوڻي پ پ ايم پي اي گل شاهه جيلاني جي ٻارهين ورسي ملهائي وئي

پير گل شاهه جيلاني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ويجهي ساٿين مان هو

اصل نالو سيد ولي الدين شاهه هئو ڪيس پيار مان پير گل شاهه جيلاني سڏيو ويو

گمبٽ (رپورٽ عمران قاضي) گمبٽ جي ناليواري شخصيت اڳوڻي پ پ ايم پي اي الحاج پير سيد گل شاهه جيلاني جي ٻارهين ورسي گمبٽ ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي. پير گل شاهه جيلاني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو ويجهو ساٿي ۽ پيپلزپارٽي جي باني ڪارڪن ۾ شامل هيو چار ڀيرا ايم پي اي، پارلياماني سيڪريٽري، خيرپور ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جو چيئرمين ۽ ميونسپل ڪميٽي گمبٽ جو چيئرمين پڻ رهيو. سياست جي شروعات شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان شهيد بينظير ڀٽو جي 1996 واري حڪومت تائين شامل رهيو ان کان علاوه 1983 ۽ 86 جي تحريڪن ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ڪئي. ان کان علاوه شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ضياءَ جي ظلم قيد دوران بيگم نصرت ڀٽو ۽ مولانا احترام الحق ٿانوي پاران ڀٽو بچاءِ تحريڪ ۾ شامل رهيو. مرحوم سادي طبيعت جو مالڪ هئو. سندس سياسي سماجي ڪيل خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو. مرحوم پير سيد گل شاهه جيلاني



گمبٽ جي جيلاني بزرگ درگاهه غوثيہ جي خاندان سان تعلق رکندڙ هئو. سندس ولادت فيبروري 1928ع ۾ روحاني بزرگ پير سيد غلام مصطفي شاهه جيلاني جي حويلي ۾ جنم ٿيو. سندس اصل نالو پير سيد ولي الدين شاهه هئو پر ڪيس پيار مان پير سيد گل شاهه جيلاني سڏيو ويو ۽ اهوئي نالو مشهور ٿيس. ٻن سالن بعد سندس والد لاڏاڻو ڪري ويو هو ۽ بعد ۾ سندس پرورش چاچي روحاني بزرگ پير سيد غلام مرتضي شاهه جيلاني ڪئي جيڪو سندس سهرو پڻ آهي. گل شاهه پرائمري تعليم گمبٽ ۾ حاصل ڪرڻ بعد باقي تعليم ڪراچي مان اين جي وي اسڪول ۽ سنڌ مسلم اسڪول مان پرائي. تعليم پرائڻ ڪانپوءِ سياست جي شروعات شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي جوڙيل پيپلزپارٽي کان ڪئي جيڪا 1970 واري ڏهاڪي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي دؤر کان شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي 1996 تائين رهي. پير سيد گل شاهه جيلاني 14 مئي 2014 تي هميشہ لاءِ وڇڙي ويو هو.

ملڪي ترقيءَ لاءِ معيشت کي مضبوط ۽ مستحڪم بڻائڻ ضروري آهي: ايم مهدي شاهه

سيڙپڪاري جي حوالي سان مثبت انگ اکر سامهون اچي رهيا آهن، معيشت کي هٿي وٺرائڻ سان ئي ملڪ ترقي ڪندو آهي

جيڪڏهن سڀ ملڪ جي گڏيل مفاد لاءِ ڪم ڪن ته ڪا به طاقت اسان جو رستو روڪي نه سگهندي

صنعتڪارن جي وفد ۽ جي بي گورنر وچ ۾ ملاقات دوران اسڪولن، اسپتالن، انفراسٽرڪچر، صنعتڪارن ۽ واپارين کي درپيش مسئلن ڳالهيون ٿيون

گلگت بلتستان جي گورنر کي فيڊريشن پاڪستان آف ڪامرس انڊسٽري جو وقتي صدر شيلڊ ڏئي رهيو آهي

سکر(رپورٽ:شڪيل عاجز) گلگت بلتستان جي گورنر سيد محمد مهدي شاهه چيو آهي ته ملڪ جي ترقيءَ لاءِ معيشت کي مضبوط ۽ مستحڪم /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

جمعيت علماءِ طاهريه ڄامشورو ضلعي جي باڊي چونڊ، مولانا وقار احمد ابڙو طاهري صدر ۽ قاري رحمت الله لاشاري ناظم اعليٰ چونڊجي ويا

ڄامشورو (ڊ ر) جمعيت علماءِ طاهريه ڄامشورو ضلعي جي باڊي چونڊي وئي. مولانا وقار احمد ابڙو طاهري صدر ۽ قاري رحمت الله "عاجز" لاشاري/ڏسو صفحو 2 بقايا 2

هالا ۾ مٽياري عوامي اتحاد جو اجلاس، اڄ ٽول پلازه واري جاءِ تي ڌرڻو هڻڻ جو اعلان

اجلاس ۾ جي يو آءِ، جماعت اسلامي، ن ليگ، ايس ٽي پي، جسقم، ايس يو پي جي اڳواڻن شرڪت ڪئي

هڪ ضلعي ۾ ٻه ٽول پلازه ناهڻ غيرقانوني عمل آهي، زيادتي برداشت نه ڪئي ويندي: اڳواڻ

نيشنل هاءِ وي جي حالت خراب آهي، اين ايڇ اي روڊ ٺيڪ ڪرڻ بجاءِ غير قانوني ٽول ٽيڪس پئي مڙهي

هالا (رپورٽ:رحيم ڏنو ملاح) هالا ۾ مٽياري عوامي اتحاد پاران ٽول پلازه جي خلاف اجلاس منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ جمعيت علماء اسلام. جماعت/ڏسو صفحو 2 بقايا 3

هالا: مٽياري عوامي اتحاد جي ٿيل اجلاس جو ڏيک

ڪڪڙ واسي پورهيت ڪوچ جي ٽڪر ۾ زخمي، حالت نازڪ، سيوهڻ ريفر

ڪڪڙ (ن پاڪ) ڪڪڙ ۾ ڪوچ جي ٽڪر لڳڻ دوران/ ڏسو صفحو 2 بقايا 5

جي يو آءِ شڪارپور پاران ضلعي ۾ بدامني وڌڻ تي ڳڻتي جو اظهار

حڪمرانن ڄاڻي واڻي شهر جو امن خراب ڪيو آهي: مولانا عبدالله مهر

امن قائم ڪرڻ جي لاءِ هنگامي بنيادن تي قدم کڻڻا پوندا: اجلاس ۾ خطاب

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) جي يوآءِ ضلع شڪارپور جي عهديدارن جو اهم اجلاس مدرسه تاج العلوم ڪنڌڪوٽ روڊ شڪارپور ۾ ضلعي امير /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

پرياسٽي ۾ مذهبي تنظيمن پاران مولا علي جي جشن ولادت تي ريلي

امام بارگاهه المعصومين کان شاندار ريلي نڪتي، مولانا جواد ۽ ٻين اڳواڻي ڪئي

مولا علي عليه السلام جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي ضرورت آهي: اڳواڻن جو خطاب

پرياسٽي(ن پاڪ) پرياسٽي ۾ 13هين رجب ولادت مولا علي عليه السلام جي سلسلي ۾ مختلف مذهبي تنظيمن پاران امام بارگاهه المعصومين /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

سنڌ حڪومت عوامي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي چڪي آهي: ڪاشف سعيد

ٿرپارڪر ضلعي ۾ 450 ٻارن جي فوتگي بعد حڪومتي جي ڪارڪردگي وائکي ٿي آهي

اربين رپيا خرچ ڪرڻ باوجود صحت، تعليم ۽ انفراسٽرڪچر شعبا مڪمل تباهي جو شڪار آهن

ڪابينا ۾ لوڊ ڦيرتي ڪرڻ سان ڪا به تبديلي نه ايندي، حڪومتي خرچ وڌي ويندا: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) . جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ صوبائي حڪومت پاران وڌيڪ 08 ترجمانن ۽ 12 اسپيشل/ڏسو صفحو 2 بقايا 7

ميرپور ماٿيلو:پوليس پاران ڪارروائي دوران گرفتار ڪيل منشيات فروش مرد ۽ عورت

ماٿيلو پوليس ڪارروائي،عورت سميت ٻه ڄڻا گرفتار، منشيات هٿ

ميخاني تان مسمات حبيبان بوزدار وٽان 12 گرام هيروئن هٿ

آچر بوزدار وٽان 103 گرام چرس پڪڙيو ويو، ڪيس داخل

ميرپور ماٿيلو (رپورٽ راجيش ڪمار سنڌي.) ميرپورماٿيلو پوليس جي ڪارروائي ڪندي درگاهه لعل شاهه جي ميخاني تان مسمات حبيبان بوزدار /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

راڻيپور ۾ حضرت امام علي عليه السلام جي ولادت تي اٺ گاڏين جي ريلي

تحريڪ عشقِ مصطفيٰ صه پاران باب دستگير گيٽ تائين ريلي پڻ ڪڍي

حضرت امام علي عليه السلام سڄي زندگي اسلام لاءِ وقف ڪئي: اڳواڻ

راڻيپور(رپورٽر) راڻي پور ۾ تحريڪ عشق مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم طرفان حضرت امام علي عليه السلام جن جي ولاديت جي حوالي/ڏسو صفحو 2 بقايا 30

ٽنڊو آدم ميونسپل چيئرمين جي ڪليل ڪچهري، شهرين جون شڪايتون

غلام مرتضيٰ جوڻيجي ٽڏي تي مسئلن جي حل لاءِ حڪم جاري ڪيا

شهر ۾ صفائي سترائي ۽ ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ويو آهي: غلام مرتضيٰ جوڻيجو

ٽنڊوآدم (مشتاق مينگل)ٽنڊوآدم ميونسپل ڪميٽي ٽنڊوآدم جي چيئرمين چاچا غلام مرتضا جوڻيجو پاران پنهنجي آفيس ۾ کلي ڪچهري لڳائي/ڏسو صفحو 2 بقايا 29

پاڪ بحريه جي جنگي جهاز يمامه پاران ترڪيه جو دورو

يمامه ترڪي جي بحريه مشق ماوي وطن 2025ع ۾ پڻ حصو ورتو

يمامه رومانيه جي پهرين سفر دوران گولچڪ ۽ اڪسا نيول بيسز جو به دورو ڪيو

اسلام آباد(پ ر) پاڪ بحريه جي نئين جنگي جهاز يمامه پاران ترڪي جو دورو ڪيو ۽ بحري مشق ماوي وطن ۾ شرڪت ڪئي. پاڪ بحريه جي/ڏسو صفحو 2 بقايا28

پاڪ بحريه جو جنگي جهاز يمامه ترڪيه جو دورو ڪندي ۽ مشق ماوي وطن ۾ حصو وٺندي

دادو ۾ ڳوٺاڻي جو پوليس زيادتين خلاف احتجاج

پوليس چادر ۽ چوديواري جو تقدس پائمال ڪيو آهي: شاهنواز ٻير

اختيار علي کي بنا جواز گرفتار ڪيو ويو آهي،نوٽيس ورتو وڃي: مطالبو

دادو(ڊ ر) دادو پرسان ڳوٺ محمد موسيٰ ٻير جي رهواسي شاهنواز ٻير دادو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ڏانهيو ته پوليس بنا جواز ڳوٺ تي/ڏسو صفحو 2 بقايا 27

نيوسعيدآباد پرسان ڪار ڪلٽي، نوجوان اجل جو شڪار

قومي شاهراهه تي ٻاروچو باغ اسٽاپ وٽ ڪار نوجوان کي ٽڪر هنيو

نوجوان ٽڏي تي دم ڏنو، ڳوٺاڻن ڪار ڊرائيور کي پڪڙي ورتو، پوليس حوالي

نيوسعيدآباد) محبوب علي ڪاڪا (نيوسعيدآباد ويجهو قومي شاهراهه تي ٻاروچو باغ اسٽاپ تي تيز رفتار ڪار جي ٽڪر 19 سالا نوجوان /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

سجاول پوليس جي ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سجاول.جاتي روڊ تي پٽي اسٽاپ وٽ ڌاڙيلن گشتي پوليس تي فائرنگ ڪئي

اسماعيل عرف پوڙهو جاکرو کي پوليس زخمي حالت ۾ پڪڙيو، ساٿي فرار ٿي ويا

سجاول (رپورٽر) سجاول پوليس جي هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعوي ان سلسلي ۾ سجاول پوليس ترجمان موجب گڏريل/ڏسو صفحو 2 بقايا 25

شهيد فاضل راهو جي ورسي ۽ رسول بخش پليجي جي سالگرهه سڄي سنڌ ۾ ملهائڻ جو اعلان

آصف زرداري بلاول کي وزيراعظم بڻائڻ لاءِ سنڌ دشمن فيصلا ڪري پيو: اياز لطيف

قوم، وطن ۽ وسيلا سدائين اقتدار، پارٽين ۽ فردن کان وڌيڪ اهم هوندا آهن: ڪيو اي ٽي سربراهه

عوام جي حقن تي ڏاڙا هنيا وڃن ٿا. ميرٽ، قانون، آئين جون ڌڄيون اڏايون وڃن ٿيون: جاري ڪيل بيان

حيدرآباد (بيورو) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي پريس ترجمان اشرف پليجو پنهنجي پريس پڌرائي ۾ ڄاڻايو آهي ته قومي عوامي تحريڪ پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ٽنڊو آدم : ٽائون چيئرمين کليل ڪچهري دوران شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ماتلي جي يوسي ماڙڪ لغاري ايٽ ڪالرو موري جو چيئرمين شاهنواز خاصخيلي وفات ڪري ويو، جنازي نماز بعد تدفين

ماتلي (ن پاڪ)ماتلي يونين ڪائونسل ماڙڪ لغاري ايٽ ڪالرو موري جي چيئرمين شاهنواز خاصخيلي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو جنهن /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

سجاول سول اسپتال ۾ ٿيليسيميا سينٽر جي افتتاح کي سال مڪمل، فعال نه ٿيو

ٿيليسيميا ۾ مبتلا چار سئو کان مٿي ٻارڙن جا والدين سخت پريشاني جو شڪار

ٻارڙن جي علاج لاءِ ڪراچي حيدرآباد ۽ بدين جو سفر ڪرڻ تي مجبور آهيون: والدين

جلد کان جلد سجاول ۾ ٿيليسيميا سينٽر فعال ڪري پريشاني مان جند آجي ڪرائي وڃي: مطالبو

سجاول(رپورٽر) سول اسپتال سجاول ۾ قائم ٿيليسيميا سينٽر هڪ سال اڳ افتتاح ٿيڻ باوجود فعال نه ٿي سگهيو آهي ٿيليسيميا ۾ مبتلا ٻارن جا والدين سخت پريشاني جو شڪار ان سلسلي ۾ سجاول ضلعي ۾ ٿيليسيميا ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

ڪترينا پاران عامر خان جي ڀاڻيجي کي 20 چماٽون هڻڻ جو انڪشاف

واقعو فلم "ميري برادر ڪي دلهن" جي سيٽ تي پيش آيو هو: اداڪاره

ڪيترائي رِي ٽيڪ ٿيا، عمران کي اٽڪل 15 يا 16 چماٽون هنيون:اداڪاره

ممبئي (شوبز نيوز) بالي ووڊ سپر اسٽار ڪترينا ڪيف مسٽر پرفيڪشنسٽ عامر خان جي ڀاڻيجي عمران خان کي 20 چماٽون هڻڻ جو انڪشاف/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ڄامشورو پوليس 50 موٽرسائيڪل ۽ سولر پليٽون هٿ ڪري ورتيون

پوليس ڳجهي اطلاع تي مدينا نگر علائقي ۾ هڪ گهر تي ڇاپو هنيو

چوري ۽ ڦر ٽيل لڳ ڀڳ 50 اسڪوٽر هٿ ڪري ورتا آهن: ڊي ايس پي

ڇاپي ۾ هڪ عورت ۽ مرد کي حراست هيٺ ورتو آهي: ذريعا

ڄامشورو:(ڊ ر) ڄامشورو پرسان پوليس ڪارروائي /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

سکر ۾ ٽريفڪ پوليس ٽريفڪ جام جي شڪايتن تي متحرڪ ٿي وئي، آپريشن

پارڪ ڪيل گاڏين خلاف عوامي شڪايتن تي ڪارلفٽر جي مدد سان غلط پارڪنگ ٿيل گاڏيون هٽايون ويون

ٽريفڪ پوليس شهر جي مصروف تجارتي ۽ ڪاروباري مرڪزن ۽ روڊن تي چيڪنگ جو سلسلو جاري رکيو

ڪيترين ئي گاڏيون تحويل ۾ وٺي پوليس هيڊڪوارٽرز منتقل ڪيون ويون،سوين گاڏين جا چالان به ٿيا

سکر (بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ ٽريفڪ جي رواني برقرار رکڻ سميت قانونن تي عمل ڪرائڻ لاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

SAKRAND
PRESS CLUB
سڪرنڊ: پريس ڪلب ۾ مولاءِ ڪائنات جي ولادت جي حوالي سان ڪوٺايل تقريب جو ڏيک

سڪرنڊ پريس ڪلب ۾ اصغريه علم و عمل تحريڪ پاران 13 رجب حوالي سان تقريب

علي ابي طالب رضه ڏسيل واٽ تي هلڻ گهرجي: مولوي نثار علي نقوي

مولا علي ڪائنات دين اسلام لاءِ پنهنجي زندگي وقف ڪئي: خطاب

سڪرنڊ (قربان علي چوهاڻ) اصغريه علم و عمل تحريڪ سڪرنڊ پاران سڪرنڊ پريس ڪلب جي قاضي الهورايو ميمڻ آڊيٽوريم هال ۾ علي بن/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

سنڌ يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ شعبي مان لکين رپين جي چوري، ٻه ملازم معطل

مبينا مقرر عملي جي مدد سان هڪ ڦيرو ڦيهر لکين روپين جو لوهه، ٽائر ۽ بيٽريون چوري ٿي ويون

يونيورسٽي انتظاميا ٻن ملازمن کي معطل ڪري ڇڏيو، پراڻو سامان چوري ٿيو آهي: ٽرانسپورٽ انچارج

ڪارروائي انتظامي مسئلو آهي، جاچ ڪري ملوث ملازمن بابت انتظاميا کي آگاهي ڏني ويندي

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونيورسٽي جي ٽرانسپورٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

شڪارپور تحريڪ اڳواڻن پاران پريس ڪلب جي نئين چونڊيل باڊي کي مبارڪون

شڪارپور(رپورٽ امتياز علي مري) شڪارپور بچايو /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

شڪارپور: شڪارپور بچايو تحريڪ جا اڳواڻ پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي واڌايون ڏئي رهيا آهن

نيوسعيدآباد ويجهو مزدا ڪلٽي، ڊرائيور ۽ ڪلينر زخمي

حادثو مهراڻ نيشنل هاءِ وي تي موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي پيش آيو

زخمين سڄڻ شر ۽ ذوالفقار رند کي طبي امداد لاءِ نوابشاهه منتقل ڪيو ويو

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد ويجهو مهراڻ هاءِ وي تي شهزور مزدا موٽرسائيڪل سوار کي بچائيندي ڪلٽيون کائي /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

ڪوٽڙي گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ۾ اسٽيم ميلو لڳايو ويو

شاگردن پاران 22 کان مٿي مختلف پروجيڪٽن جي نمائش

ڊائريڪٽر سيڪنڊري اسڪول حيدرآباد مهمان خاص هو

ڪوٽڙي (عبدالخالق چانڊيو) ڄامشورو تعليم کاتي پاران ڪوٽڙي گورنمينٽ گرلز هائي اسڪول ۾ هڪ شاندار اسٽيم ميلو منعقد ڪيو ويو/ڏسو صفحو 2 بقايا 11

ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ ڌاڙيلن جي حڪمراني، ڏينهن ڏٺي جو دڪان مان 7 لک ڪيش، موبائيل ٻه ڦر

موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن لاٽي پڳڙا هول سيل جي دڪان تي ڪاهه ڪري عملي کي يرغمال بڻايو

هٿياربند ست لک روڪ رقم موبائل فون راڊو واچ ڦري ويا، ڦورو ڏينهن ڏٺي جو ڪارروائي ڪري فرار

اطلاع تي پوليس ڌاڙيلن پويان رواني، ڏينهن ڏٺي جو ٻه رڻ ٻاري ڏنو آهي: شهرين جي دانهن

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ ضلعي ۾ بدامنيءَ چوٽ چڙهيل ڏينهن ڏٺي جو ڪلاشنڪوف هٿياربندن جي پڳڙا هول سيل/ڏسو صفحو 2 بقايا 12

دڙي ٽائون چيئرمين پاران اسڪول ۾ سولر سسٽم جو افتتاح

سيني اسڪولن کي سولر سسٽم تي منتقل ڪيو ويندو: شاهه رخ انور

سولر سسٽم توانائي بحران کي ختم ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو: تقريب کي خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ دڙي ٽائون جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 13

لاڙڪاڻو: دڙو ٽائون چيئرمين رٻن ڪٽي اسڪول جي سولر سسٽم جو افتتاح ڪري رهيو آهي

ڊي سي شهيد بينظير آباد جي هدايتن تي ريسڪيو 1122 پاران پاڻدي ۽ سڪرنڊ ۾ سيٽ لائيٽ اسٽيشن قائم

نواب شاهه (ڊ ر) ريسڪيو 1122 نواب شاهه جي انچارج/ڏسو صفحو 2 بقايا 15

غلام الله ۾ 13 رجب جي حوالي سان ريلي، گلن سان استقبال

ريلي جي اڳواڻي اقبال رند، بانو جهان هگورجو، عالم رند ۽ ٻين ڪئي

آخر ۾ دربتول امام بارگاهه ۾ مومنن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

غلام الله)رپورٽ پيرل پياسي (غلام الله ۾ 13 رجب امير/ڏسو صفحو 2 بقايا 14

محتسب اعليٰ سنڌ جو ادارو عوام جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ جاکوڙي رهيو آهي: فضل محمد شيخ

ماڻهو سرڪاري ادارن خلاف پنهنجون شڪايتون ڪٺي اچن ڪين تڪڙو بغير ڪنهن فيس ۽ وڪيل جي مفت انصاف فراهم ڪيو ويندو

زيادتين جو شڪار سادي ڪاغذ تي گهوٽڪي محتسب آفيس ۾ درخواست ڏئي، ازالو ڪيو ويندو

مڪاني ڪاتو عام ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت جو هڪ بهترين پليٽ فارم آهي

گهوٽڪي/ڏهرڪي(نمائندن وٽان) محتسب اعلي سنڌ گهوٽڪي جي ريجنل ڊائريڪٽر فضل/ ڏسو صفحو 2 بقايا 16

گهوٽڪي: محتسب اعليٰ سنڌ جو ريجنل ڊائريڪٽر چونڊيل نمائندن جي سيمينار کي خطاب ڪري رهيو آهي

پي ايف يو جي صحافين جي حقن جي جنگ وڙهي آهي: امير بخش

حقيقي صحافين جو حقيقي پليٽ فارم پي ايف يو جي آهي

سانگهڙ ضلعي جي صحافين جي مالڪي ڪئي ۽ حقن لاءِ آواز اٿاريو آهي

سانگهڙ(رپورٽ گل محمد سولنگي) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس هميشه صحافت جي حقن جي جنگ وڙهي آهي حقيقي صحافين /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

ور واسڻ انصاف لاءِ ٺٽي پريس ڪلب پهتي، دانهون

بااثر حنيف جت ۽ شهزاد ملاح گاڏي ۾ مڪلي ڪٺي اچي زيادتي جي ڪوشش ڪئي:رابيعه

مزاحمت تي ڇڏي ويا، مڪلي ۽ ور پوليس دانهن نه پئي ٻڌي، اختيارين نوٽيس وٺن: دانهن

ٺٽو(رمضان ميمڻ) ور شهر جي رهواسڻ مسمات رابيعه پنهنجي امڙ رشيد ملاح ۽ معصوم ٻارڙن سان گڏ نيشنل پريس ڪلب ٺٽي پهچي /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڪوٽڙي ڪبير ۾ شير خدا جي ولادت جو جشن ملهايو ويو

مفتي فدا حسين سڪندري علي عليه سلام جي شان ۾ بيان ڪيو

حافظ نعيم احمد ٽيهو ۽ ٻين نعتون پڙهي وينلن جون دليون موهي ورتيون

ڪوٽڙي محمد ڪبير (ن پاڪ) گذريل رات نور مصطفا مسجد ۾ پيش امام حافظ عبدالرزاق وڏٽيو جي ميزباني هيٺ سيدنا علي المرتضا /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

ڪوٽڙي محمد ڪبير: شير خدا جي جشن ولادت جي تقريب جو ڏيک،ننڍي تصوير ۾ عالم خطاب ڪري رهيو آهي

اروڙ يونيورسٽي وفد پاران درگاهه عبدالرحمان شهيد جي مزار تي حاضري

اروڙ يونيورسٽي جي رجسٽرار سهيل احمد سرهندي کي پروجيڪٽ بابت بريفنگ

رجسٽرار پاران پروجيڪٽن جي تعريف، درگاهه تي چادر چاڙهي دعا پڻ گهري

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) اروڙ يونيورسٽي جي رجسٽرار /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

ڦل شهر ۾ جشن مولود ڪعبه ملهايو ويو،مومنن ڪيڪ ڪاٽيو

درگاهه سيد ميرل شاهه جي گادي نشين پاران جشن مولود ڪعبه جو پروگرام ڪيو ويو

سيد مبارڪ علي شاهه، مولوي محمد علي ڪوسي سميت ٻين مومنن جي شرڪت

نوشهروفيروز (ڊ ر)نوشهروفيروز پرسان ڦل شهر جي درگاهه سيد ميرل شاهه تي درگاهه جي گادي نشين سيد مبارڪ شاهه پاران مولا علي عليه اسلام جي/ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڪراچي آرٽس ڪائونسل ۾ سماجي اڳواڻ ۽ اداڪار مير خان ٻنگلاڻي سان رهاڻ

مير خان شوبز ۾ يادگار ڪردار ادا نڀايا آهن: جاويد ٽاڪائي

مير خان گهڻ رخي شخصيت آهي سنڌ کي اهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي: وهاب سومرو

ڪراچي اوير (ن پاڪ) فنڪار ويلفيئر ايسوسيئيشن پاران سماجي اڳواڻ ۽ اداڪار مير خان ٻنگلاڻي جي سالگرهه جي موقعي تي آرٽس ڪائونسل/ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڊي آءِ جي ايسٽ پاران لانڍي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جو دورو، بريفنگ

صنعتڪارن کي هر ممڪن سيڪورٽي فراهم ڪبي: عثمان غني صديقي

اسان جا جوان هر وقت عوام جي حفاظت لاءِ موجود آهن: ڊي آءِ جي جو تقريب کي خطاب

ملير (ڊ ر) ڊي آءِ جي ايسٽ عثمان غني صديقي جو لانڍي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري جو دورو، لانڍي جي صنعتڪارن پاران ڊي آءِ جي کي/ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڊي سي سکر پاران سول اسپتال جو دورو، وارڊن جو معائنو، 638 جايون خالي آهن، بريفنگ

مسئلن حوالي سان سنڌ حڪومت پاران نوٽيس وٺڻ کان پوءِ ڊپٽي ڪمشنر اسپتال پهچي ويو

ڊاڪٽرن ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي کوٽ سبب عملو سخت دٻاءَ ۾ ڪم ڪري پيو: ڊي سي کي آگاهي

صحت جي معاملي ۾ ڪوتاهي کي برداشت نه ڪبو، خالي پيل جاين کي ڀرتي ڪيو ويندو: ڊپٽي ڪمشنر

سکر (رپورٽ:شڪيل عاجز) سکر سول اسپتال جي مسئلن /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

سکر: صراف ايسوسيئيشن جو صدر ۽ ٻيا رٻن ڪٽي دڪان جو افتتاح ڪري رهيا آهن

واپاري ئي ملڪ کي بحران مان ڪڍي سگهن ٿا: ايم جاويد ميمڻ

حڪومت سهولتون فراهم ڪرڻ بدران ڪسي رهي آهي: غلام شبير ڀٽو

ملڪ جي ترقي ۾ واپارين جو اهم ڪردار آهي: افتتاحي تقريب کي خطاب

سکر(بيورو رپورٽ) صراف ايسوسي ايشن سکر جي صدر حاجي محمد جاويد ميمڻ، سينئر نائب صدر حاجي غلام شبير ڀٽو چيو آهي ته ملڪ مان غربت/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

روهڙي جو اڳوڻو سينيئر صحافي محمد عالم شيخ لاڏاڻو ڪري ويو

سکر (بيوروپورٽ) روهڙي جو اڳوڻو سينيئر صحافي محمد /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

نيوسعيد آباد پوليس پاران منشيات فروش کي پڪڙڻ جي دعويٰ

بلاول ڪوسو لنڪ روڊ تي ڪارروائي دوران اياز ڪوسو کي پڪڙيو ويو

جوابدار جي قبضي مان ويهه لٽر ڪچو شراب مليو، ڪيس داخل

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) نيوسعيدآباد پوليس جي ڪارروائي هڪ منشيات وڪرو ڪندڙ گرفتار وڏي مقدار ۾ ڪچو شراب /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ 10 فيبروري کان تحريڪ هلائڻ جو اعلان

صوبائي حڪومت استادن سان ماٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪري رهي آهي: شفيع محمد سٽيو

استادن جي جائز مسئلن کي حل ڪرڻ بدران نظر انداز ڪيو پيو وڃي جيڪا زيادتي آهي: پ ٽ الف اڳواڻ

سڄي سنڌ جا استاد 10 فيبروري کان ڪراچي ۾ پريس ڪلب اڳيان گڏ ٿي پنهنجو آواز بلند ڪندا: ميڙ کي خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) سنڌ جي پرائمري استادن کي ديوار سان لڳائڻ ۽ سروس اسٽرڪچر نه ملڻ خلاف 10 فيبروري کان احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو 10 فيبروري تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو سڄي سنڌ جا استاد پنهنجي مطالبن جي مڃتا لاءِ ڀرپور احتجاج ڪندا، تعليم کاتي ۾ نت نون تجربن ڪرڻ بجاءِ پرائمري ابتدائي تعليم جو/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

پرياسٽي واسي ڪراچي ۾ روڊ حادثي ۾ فوت، اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

پرياسٽي (ن پاڪ) پرياسٽي واسي ڪراچي ۾ روڊ حادثي ۾ فوت اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام خبر موجب پرياسٽي پرسان ڳوٺ الهڏتو بالادي واسي /ڏسو صفحو 3 بقايا 11

پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر ۾ مٽياري جي ضلعي چيئرمين طرفان اکين علاج لاءِ ٻن ڏهاڙن واري مفت طبي ڪئمپ قائم

پٽ شاهه(ن پ) مٽياري جي ضلعي چيئرمين مخدوم احمد الزمان طرفان پٽ شاهه رورل هيلٿ سينٽر ۾ اکين علاج لاءِ 2 روزا مفت ميڊيڪل /ڏسو صفحو 3 بقايا 10

e of Blindness
پٽ شاهه: ضلعي چيئرمين رورل هيلٿ سينٽر ۾ لڳل اکين جي ڪئمپ جو دورو ڪري رهيو آهي

دڙو ۾ ڊاڪٽر رجب ميمڻ يادگار ۽ ڀٽائي آرٽس ڪائونسل پاران ليڪچر سيريز 2 تقريب

مذهبي انتها پسندي سنڌ جي روح کي ايذائي پئي، رواداري ختم ٿيندي پئي وڃي: مقبول هاليپوٽو

مذهبي انتهاپسندي ۽ سنڌو درياءَ جو ختم ٿيڻ اسان جي وجود لاءِ خطرناڪ آهن، سانا پنهنجي ڌرتي ۽ ماڻهن کي ائين مرڻ ڪون ڏيندي: اعجاز ترڪ

سنڌ جي ماڻهن اڪ نه پٽي ته حالتون انتهائي سنگين ٿينديون(جامي چانڊيو) درياهه واري مسئلي تي فرنٽ لائين تي ويهڻو پوندو:ايوب شيخ

دڙو (رپورٽ: زاهد سومرو) دڙي ۾ ڊاڪٽر رجب ميمڻ يادگار ليڪچر سيريز 2 تقريب، آمريڪا ۾ رهندڙ عالمي سنڌي تنظيم "سانا" جي صدر ڊاڪٽر مقبول هاليپوٽو جامي چانڊيو، ڊاڪٽر ايوب شيخ، ڊاڪٽر اعجاز ترڪ، علي خاصخيلي/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

دڙو :ڊاڪٽر رجب ميمڻ يادگار ۽ ڀٽائي آرٽس ڪائونسل پاران ليڪچر پروگرام کي سانا اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي